# سنڌ جي مزاحمتي شاعري

مرتب

**پاويل جوٽيجو**

ڊجيٽل ايڊيشن :

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

2018ع


سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

بڪ ڦني پبليڪيشن





سنڌ جي مزاحمتي شاعري



## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سنڌ جي مزاحمتي شاعري“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب جي ترتيب **پاويل جوڻيجو“** ڪئي آهي جنهن ۾ سنڌ جي 15 شاعرن جي مزاحمتي شاعري شامل آهي.

پاويل جوڻيجو جي هن ترتيب ڏنل ڪتاب ۾ اهڙن شاعرن جي بہ شاعري شامل آهي، جن کي پڙهندي يا ٻڌندي ازخود ڪنهن ستل ضمير ۾ ڇهندڙيون محسوس ٿينديون ۽ ڪجهہ ڪرڻ جي خواهش ڪر موڙي اٿڻ جي آس کي جنم ڏيندي. دنيا ۾ انقلاب آڻيندڙ شاعرن ۾ سنڌ جي شاعرن بہ وسان ڪين گهٽايو آهي ۽ سنڌ جي باشعور طبقي تائين ان ثبوت کي رسائڻ ۾ سچ تہ پاويل جوڻيجو جي ڪاوش داد لائق آهي.

هي ڪتاب باڪ ڦٽي پبليڪيشن پاران **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** وٽان 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





**ڪتاب نمبر 40**
**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سنڌ جي مزاحمتي شاعري |
| موضوع: | شاعري |
| مرتب: | پاويل جوڻيجو |
| ڇاپو پهريون: | جنوري 2017ع |
| ڪمپوزنگ/ٽائيٽل: | شاهزيب ميمڻ |
| ڇپائيندڙ: | باڪ ڦٽي پبليڪيشن سنڌ |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

**مُلهہ: 300 روپيا**

***SINDH JI MAZAHMATI SHAERI***
**(*Poetry*)**
***Muratib: Pawel Jonejo***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**
پيتائي ڪتاب گهر حيدرآباد، فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

# ارپنا

پنهنجي انقلابي رهبر ڪامريڊ
جام ساقي کي هي ڪتاب ارپيا
ٿو جنهن اسان کي دنيا جي
سماج کي سمجهڻ ۽ ان کي
تبديل ڪرڻ جو علم ڏنو.





# فهرست


1. اداري پاران 06
2. ليکڪ پاران 07
3. شيخ اياز 09
4. تاجل بيوس 34
5. ابراهيم منشي 47
6. سرويچ سجاولي 78
7. آڪاش انصاري 97
8. آزاد انور ڪانڌڙو 117
9. جمن دربدر 133
10. حليم باغي 137
11. استاد بخاري 149
12. سرڪش سنڌي 159
13. راشد مورائي 175
14. امتياز عادل 183
15. ذوالفقار گاڏهي 202
16. احمد شاڪر گائنچو 215
17. اڪبر ڪانڌڙو 222

# پبلشر نوٽ

دنيا اندر جتي معاشرتي اصلاح ۽ شعوري آگاهي لاءِ پنهنجي خطي ۾ انقلاب ۽ تبديلي لاءِ قلم ڌڻي پاڻ پتوڙڻ واري ڪرت ڪي اپنائڻ ۾ مصروف عمل آهن، اتي خاص طور منفي پهلوئن ڪي اجاگر ڪرڻ، ڌرتي تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ جبر خلاف قلم جي هٿيار سان ڪنهن به ليکڪ جو مزاحمتي ڪردار هميشه انقلاب جا نوان رستا هموار ڪري ٿو ۽ سنڌي شاعري ۾ ان حوالي سان نهايت ئي جاندار رچنائون نه فقط ماضيءَ جو حصو رهيون آهن، شاعرن موجوده دور ۽ ان کان اڳ به تخليقي پرواز جا اهڙا ته لفظي مينار جوڙيا آهن، جيڪي عام ماڻهن جي ذهنن کي بيقراري ۽ بيداريءَ طرف گامزن ڪن ٿا. توڙي جو موجوده دور جي شاعرن ۾ گهڻو تڻو لاڙو رومانوي رنگن ڏانهن نظر اچي ٿو پر اتي مزاحمتي شاعريءَ ڏانهن ڏيان ڇڪرائيندي نوجوان ليکڪ، قومي ڪارڪن ۽ سينيئر صحافي پاويل جوڻيجو جنهن ڪم ۾ هٿ وڌو آهي اهو يقينن سندس ڪردار ۽ شخصيت کي ممتاز بڻائيندو.

پاويل جوڻيجو جي هن ترتيب ڏنل ڪتاب ۾ اهڙن شاعرن جي به شاعري شامل آهي، جن کي پڙهندي يا ٻڌندي ازخود ڪنهن ستل ضمير ۾ ڇهندڙيون محسوس ٿينديون ۽ ڪجهه ڪرڻ جي خواهش ڪر موڙي اٿڻ جي آس کي جنم ڏيندي. دنيا ۾ انقلاب آڻيندڙ شاعرن ۾ سنڌ جي شاعرن به وسان ڪين گهٽايو آهي ۽ سنڌ جي باشعور طبقي تائين ان ثبوت کي رسائڻ ۾ سچ ته پاويل جوڻيجو جي ڪاوش داد لائق آهي ۽ سمبارا پبليڪيشن پاران سندس اهڙي ڪوشش کي ڪتابي شڪل جو روپ ڏيڻ تي پڻ سرهائي حق بجانب بڻجي ٿي، اميد ته اڳ جيان هن ڪتاب کي به ڀرپور موٽ ملندي.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**






# پنهنجي پاران

سنڌ جي مزاحمتي انقلابي شاعرن جي چونڊ شاعري تي مرتب ڪيل سنڌ جي انقلابي شاعري جو هي ڪتاب ادب دوستن ماڻهن جي هٿن ۾ ڏنو آهي انکان اڳ پنهنجا مختلف اخبارن ۾ لکيل سياسي سماجي صورتحال تي مضمونن ۽ مختلف سياسي شخصيتن جي سوانح حيات تي لکيل ڪتاب مرتب ڪري ڇپايا آهن ۽ ڪيترا ئي ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن، اسان شعور جي ابتدا کان وٺي ڪميونزم ۽ سوشلزم سان عشق ڪرڻ وارا ماڻهو هاڻي جڏهن سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ ۽ ڪميونسٽ تحريڪ سميت موتيءَ جي ڇنل هار جي موتين جيئان وکري ويا آهيون ۽ سماج ۾ سياسي لاوارث بڻجي ڪڏهن ساڄي ڌرجي سياسي وڏيرن جي هن ڪنڌي ته ڪڏهن هن ڪنڌي ڪنهن سياسي وڏيري سان گڏ هلون ٿا يا صحافتي دڳ ۾ ڪنهن سياسي پوتار جي بيان رپورٽ ڪندا ورتون ٿا. اسين پورهيت انقلاب جا گيت ڳائيندڙ واقعي اڄڪلهه وڏيرڪي سماج ۽ وڏيرن جي وڏين لينڊ ڪروزر گاڏين جي پٺيان اٿندڙ دز ۾ گم ٿي ويا آهيون اهو سچ آهي.

سياست، ادب، اخبارن سان وابسته هجڻ ڪري ادبي ڪتاب ڇپائڻ جو عشق پر پاڻ هرويرو ڪتاب ڇپائڻ ۽ نالو لکرائڻ بجاءِ سنڌ جي بهترين ۽ عظيم انقلابي شاعرن جي شاعري جا ڪتاب ڇپائڻ جي چونڊ ڪئي آهي. هي مزاحمتي انقلابي شاعرن جي شاعري تي مشتمل سنڌ جي انقلابي شاعري ڪتاب مرتب ڪري ڇپايو آهي بس ان جذبي ۽ محنت سان جيئن دنيا جي عظيم ڏاهي ڪارل مارڪس چيو آهي ته رازا جايون ٺاهيندا آهن. حڪمران حڪومتون ٺاهيندا آهن پر ڪتاب ڇپائيندڙ تاريخ اڏيندا آهن ۽ جنهن ٻولي ۾ ڪتاب ڇپائيندا آهن ان ٻولي جي ديوار جي پيڙهه کي مضبوط ڪندا آهن.

**پاويل جوڻيجو**
**01-01-2017**

# شيخ اياز







## انقلاب! انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

جيئن زمين آسمان،
جي کلي پئي زبان،
ڪُنڊ ڪُنڊ، چونڪ، چونڪ،
شهر شهر، ڳوٺ، ڳوٺ،
جيئن ڏئي اُتي جواب انقلاب!
انقلاب! انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ.

هي بـ ڪو نياءُ آ،
جو مزدور پاءُ آ،
سولهَو پيئي پيو،
جنهن سبب جيئي پيو،
سو پيئي پيو شراب! انقلاب،
انقلاب! انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ.

ڏوڏهن سماج کي،
لوڙ سامراج کي،
تاهہ سو نئون نظام،
جو چڱو چئي عوام،
هي نظام آ خراب، انقلاب!
انقلاب! انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ.

ڳاءِ ڳاءِ نوجوان!
جيئن زمين آسمان،
جي زبان کُلي پئي،
زندگي اُٿي چئي،
انقلاب انقلاب انقلاب،
انقلاب! انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ.

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

اسين ننڊ جا نيڻ آهيون پرين!
سُتي ساهہ جاڳي،
وڃي دور دور،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور،
سوين چنڊ ساڻي،
ڪتين جا سوين قافلا رهہ گذر ۾،
سفر ۾،
سوين ڪائناتون،
نہ آغاز جن جو، نہ انجام جن جو،
زمان ۽ مڪان ڪان مسلسل نجاتون،
ازل ڪان ابد تائين سُک جون براتون،
جڏهن موٽ ڪائون،
سوين راز آڻيون،
سوين ساز جي لاءِ آواز آڻيون،
سوين چنڊ چايون،
ستارا تڳايون،
انهن سان اڃي جڳ سڄو جڳ مڳايون،
اسين جاڳ جا پاڳ آهيون پرين.

◈

## سچ وڏو ڏوهاري آ

روز ازل کان پڪڙيو ويو آ،
زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ،
ڳولي ڳولي ماريو ويو آ،
ڪڏهن زهر پياريو ويو آ،
ڪڏهن ڦاهي چاڙهيو ويو آ،
تيل ڪڙهائي ڪاڙهيو ويو آ،
گهاڻي ۾ پيڙايو ويو آ،
ڇُوٽي تان اڇلايو ويو آ،
ها پر پوءِ به انهيءَ جي ساڳي،
رهندي آئي ريت اپاڳي،
جنهن جي مَن ۾ ڪاٽ هڻي ٿو،
تنهنجو سارو چين ڪٽي ٿو!
اڄ تو وٽ مهمان ٿيو آ،
پر تو ڪڏهن هي سوچيو آ،
ڪنهن سان تنهنجي ياري آهي،
سچ وڏو ڏوهاري آهي.

◈





جنهن وقت به ڪنهن جو طوق ٽُٽُو،
مون ائين سمجهيو،
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي،
اي دنيا ڀرجا محڪومو!
اي مظلومو!
جي محڪوميءَ مان ڪو به ڇُٽو،
مون ائين سمجهيو،
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي،
ڪنهن هنڌ به منهنجي قاتل جا،
جي هٿُ لڏيا،
ڀل مون کي ڏي ڪيڏو به گُهٽو،
مون ائين سمجهيو،
ڄڻ منهنجي گردن هَلڪي ٿي.

◈

رات آئي وئي، تون نہ آئين ڪَهي!
ماڪ ۾ ميندرا، ڪاڪ روئندي رهي.

مينهن موٽي ويا، ڏينهن اُپري لٿا،
تون نہ آئين پرين، وهہ لڳي ٿي وَهي.

سانورا! تو سوا چانورا ڇا ڪبا!
لوءِ تنهنجي لڳي، لوءِ لڳندي رهي.

او وچان مان وچان ڪيئن پيرو پڇان!
سچ ويندو لهي، پير ويندا ڊهي.

ڪنهن بہ اورار بيهي نہ پاتو پرين،
تون نہ ميهار آهين، نہ تو وٽ مهي.

سِرُ ”اياز“ اڄ ڏنو، ڪنهن نہ ڇاتو تہ ڇو؟
رَت اڏيءَ تان آڏيو، سنڌ ڏسندي رهي.

◈





جهوپڙيءَ پاهران رات جهانجهر وڳي،
پير ڪنهن جا هُيا؟ ڪير مون کان پڳي.

سُون جهڙي جواني اسان کان وٺي،
وَار چاندي ڪيئي عمر ايڏي ٺڳي.

ڪير هيءَ سچ ۾ ٿي وڃي اُڃَ ۾،
ٿي نہ پُٺ تي ڏسي، لار ڪنهن جي لڳي.

سُور تو لاءِ سٺا، سَار تنهنجي رهي،
زندگاني پرين، تار تنهنجي تڳي.

◈

جي هانءُ نہ هارين ڪو هيارل، هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سين،
چو پير پساري ويٺو آن، اُٿ ڏونگر ڏاري ويندا سين.

ڪنهن لاءِ تڪين ٿو ڪنڌيءَ تان ٻي پيڙي ڪا بہ نہ اچڻي آ،
جي تون بہ اچين او وڻجارا، تو ڪي بہ اُڪاري ويندا سين.

درياهہ اندر جا دهشت آ ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
تون مان تہ رڳو هن سنڌو تي، ڪا لهر اُڀاري ويندا سين.

ڪا جهرمر جهرمر جگنو جي، ڪا ٽم ٽم ٽم ٽم ٽاري جي،
گنگهور گهٽا جو گهيرو آ، ڪنهن جي نہ سهاري ويندا سين.

آمرٽو هر ڪنهن ماڻهو ڪي، پر هينئن نہ مرنداسين ساٿي،
ڪا آگ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

◈





اڙي چنڊ، اڙي چنڊ،پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس روپ، سندس رنگ، ائين آهہ جيئن تون.

اڙي رات اڙي رات پرين تو تہ ڏٺو ناهي،
سندس وار، سندس ونگ، ائين آهہ جيئن تون.

اڙي ڦول اڙي ڦول پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس رنگ سندس انگ ائين آهہ جيئن تون.

اڙي هير اڙي هير پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس ساٿ سندس سنگ ائين آهہ جيئن تون.

اڙي نانگ، اڙي نانگ پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس ڏاهہ، سندس ڏنگ ائين آهہ جيئن تون.

◈

پي خبر ناهہ، پر مرڻ کانپوءِ،
تو سان گڏ جڻ جون حسرتون رهنديون.

جام وَ مينا رهي، رهي نہ رهي،
منهنجي اکڙين جون عادتون رهنديون.

زندگي تلخ آ، هجي تہ هجي،
روح ۾ سئو ملاحتون رهنديون.

سرحد غم قريب آ اي دوست!
ساڻ ڪيسين محبتون رهنديون.

تنهنجي پهلوءِ ۾ ڪيستائين اي دوست،
ابن آدم جون جنتون رهنديون.

شاهہ کان پوءِ اي ”اياز“ پڌاءِ،
سنڌ ۾ ڪنهن جون آيتون رهنديون.

◈





ڪيئن ڪريان مان ڪنهن بہ ريت،
منهنجي من کي چين ناهي!

هاءِ ڪهڙي رات آهي،
چنڊ منهنجو ناهي ميت،
منهنجي من کي چين ناهي!

هيءَ گلابي رُت چڙهي،
مون ڪان رسي ويا ڪيئي گيت،
منهنجي من کي چين ناهي!

هار ڪائي هار ناهي،
جيت ڪائي ناهي جيت،
منهنجي من کي چين ناهي!

تون ڪٿي آهين پرين،
آهي ڪٿي اڄ تنهنجي پريت،
منهنجي من کي چين ناهي!

ڪيئن ڪريان مان،
ڪنهن بہ ريت،
منهنجي من کي چين ناهي!

◈

سھندو ڪير ميار او يار!
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!

جھول جَھلي جنھن وقت پتائي،
ڪرندا ڪنڌ ھزار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!

نيٺ وڍيندڙ وڍ جي ويندا،
ڪنڊي نيٺ ڪتار او يار!
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!

نيٺ تہ ڊھندي ڪيسين رھندي،
دوکي جي ديوار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!

گھڙا ڪٽي گھڙنديون سَوَ سُھٽيون،
مَرندا سَوميھار او يار،
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!

سير جي سٺن ھٽي ڏس چارڻ،
ٻيجل ٿي ٻيھار او يار!
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!

◈





تڙي پوندا تارئين،
جڏھن ڳاڙھا ڳُل،
تڏھن ملنداسين.

جڏھن ورنديون ڪونجڙيون،
ھَر ھَر ڪري ھُلَ،
تڏھن ملنداسين.

ڳلن ڳوڙھا تمندا،
جڏھن موتين تل،
تڏھن ملنداسين.

وڇوڙي جا ڏينھڙا،
پورائيءَ جي پُل،
تڏھن ملنداسين.

◈

سنڌ ديسَ جي ذرتي تو تي پنھنجو سيسُ نمايان،
متي ماٿي لايان.

ڪينجھر ڪان ڪارونجھر تائين، توکي چشمن چايان،
گيت بہ مون وٽ تنھنجا ماتا، بيت بہ تنھنجا پايان،
جيءَ جيءُ جيجل! جيءُ جيءُ جيجل توکي ڪيئن لنوايان،
سارا سڌ پڙاڏا تنھنجا وائيءَ ۾ ورنايان.

سُر سُر ڇڄ سانوڻ ۾ سنڌو لھر لھر لڪايان،
رم جھم رم جھم راڳ انھن سان ٿر بر باھہ لڳايان،

ڪالھہ مَليران مھڪ اُٿي جا نگر نگر ڦھلايان،
ڏٽ بہ پنھنجو ڏيھہ بہ پنھنجو مارو شال مِلايان.

تنھنجيءَ متيءَ منجھہ ملان جي آءُ امرتا پايان،
سنڌ ديس جي ذرتي تو تي پنھنجو سيس نمايان.
متي ماٿي لايان.

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

سڪي پيا ڪي ملين تہ چئجان، چاندني تو سوا نہ ٿيندي،
اڇين تہ منھنجي اُماس ۾ آ، چو تہ ٻي رات ڪانہ ايندي.

ڪڏھن بہ تو تي دوار دل جا نہ ٻوٽبا، تون پلي ھلي آ،
پہ لڙڪ آلا تڏھن بہ ھوندا، متان چئين آجيان نہ ٿيندي.

نہ ديپ دونھاٽجي ڪڏھن ھي، للاٽ جي لاٽ شال جرڪي،
پرھہ پري آ پتو نہ آھي رات ڪيسين ڏھاڳ ڏيندي.

پکي پروڪا اچان نہ آيا، اُڪيرتن جي ھُري رھي آ،
اُداس سر تي ھوا اُني جي، چئي پئي ڪا اُڏار ايندي.

پرار تي ڪا پڪار آھي، مگر اڱيان تک تار آھي،
ڪٿي اسان جي اُڪار آھي، اياز ڪيڏانھن ناوَ نيندي.

◈

پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو، اپ تائين جهوليندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.

رَت جو بدلو رَتُ ئي آهي، هر ڪو بدلو ڏيندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.

آر تي رات نه رهندي اوڳا! روح نه ڪو روئيندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.

ڪائي آ رهي اک نه هوندي، لُڙڪ نه ڪو لاڙيندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.

ڌرتي به تنهنجو ڏيهه به تنهنجو، ڪو تو کان نه کسيندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.

اهڙو ڏينهن به ايندو ساٿي! اهڙو ڏينهن به ايندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.

◈





بي مُوت مُئا، تو لاءِ ڪتا انسان هزارين مان نه رڳو،
هن دنيا ۾ اي ديس هيا نادان هزارين مان نه رڳو.

جي راه اجل ڪنهن ورتي آ، هن ٻون ۾ ڪئي ٻي ٻرتي آ،
هي ڏر تي توکي پرتي آ، مهمان هزارين مان نه رڳو.

اک ساري رات نه جهپڪي آ ۽ شبنم شبنم ٽپڪي آ،
جي باک گُهري ٿي بُک، ته اي زندان هزارين مان نه رڳو.

چو چنڊ اسان کي رات ٺري ڏي چانڊوڪيءَ جو زهر پري،
آ ڪيڏو پويون پَهر پري! حيران هزارين مان نه رُڳو.

تون چئه نه ڪچان تون چئه نه لچان، پر تو کان هڪڙي ڳالهه پڇان،
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين اعلان هزارين مان نه رڳو.

هي دور ”اياز“ گذرڻو آ ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ،
ڪو ٻارڻ نيٺ ته ٻرڻو آ، امڪان هزارين مان نه رڳو.

◈

## هُڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو

پـنـڌ پـري هـو،
ڪير ڪري هو،
واٽ آواٽـــي،
ڏيــل ڏري هــو،
پوءِ بہ پـريـنءَ جو پـنـڌ پَـلو هو،
هُـڙڪ هـلـو هـو، ڏيـمـان هـلـو.

پـار نـــ پـيـــرو،
ڏڳ نـــ ڏيـــرو،
رات گـهـٽـائـيـن،
دور ســويـــرو،
ڪَـر هَـلـڙو ڙي، جـيءُ جَـهـلو هو،
هُـڙڪ هلو هو، ڏيـمان هـلو هو.

سـانـولـڙيءَ جـو،
ڳـيـچ چـٽـو ڪـو،
ســانــت ٻُــري آ،
سانـت ڪـيـو چـو،
گـونـج اُپـاري، ڪـا تـہ گـلـو هـو!
هُـڙڪ هـلـو هو، ڏيـمان هـلـو هو.

◈





ڪنڌيءَ نہ سگري، پپر نہ پلڙو،
سَائو نہ سَلڙو،
چانگون نہ چيلڙا!
مــارو اڪــيــلــڙا!
مــارو اڪــيــلــڙا!

پـنـڌيءَ نـہ ڳـيـڙو، وَهُـہ واٽ ويـلا،
مُنهڙا بہ پيلا،
ڳـوڙهـا ڳـهـيـلـڙا!
مــارو اڪــيــلــڙا!
مــارو اڪــيــلــڙا!

سَـارو سَـيــارو ٿــي مــاٽ مَــاري،
سومر اڱاري،
مـاٺـهـو نـہ مـيـلـڙا!
مــارو اڪــيــلــڙا!
مــارو اڪــيــلــڙا!

ٿـا جـيءُ جـهـورن ۽ روهـہ رولـن،
جـنـهـن وقـت ٻـولـن،
ڪـٽـڇـي ڪـويـلـڙا!
مــارو اڪــيــلــڙا!
مــارو اڪــيــلــڙا!

◈

ڦٽڻ لڳي آ ميندي مٽڙا،
نِمن جهليو آ پور، ڪيسين رهندين دور!

پريت اسان جي نہ رهي، نہ رهي،
سونهن سَرنهن جي سَرهي سَرهي،
من کي ڪيو مجبور، ڪيسين رهندين دور!

بوند اکين مان نہ ڪري نہ ڪري،
اُولهہ کان آئي جو ڪڪري،
برسيا سي پرپور، ڪيسين رهندين دور!

تو لاءِ ساهہ ائين سيڏائي،
جهونجهڪڙي جو جيئن واجهائي،
چانپي لاءِ تلوُر، ڪيسين رهندين دور!

منهنجي آس، ڏکن جو ڏيئڙو،
منهنجو هر سانجهڙي او سيئڙو،
مَري نہ سگهندو مور، ڪيسين رهندين دور!

ڦٽڻ لڳي آ ميندي مٽڙا،
نمڻ جهليو آ پور، ڪيسين رهندين دور!

◈





ساڳ پنهنجو پلي، سنڌ پوپي پلي،
پاڳ واري سدا، پونءِ تي پرجهلي.

تو چيو سنڌڙي، مون چيو جنڊڙي،
مون پرولي سلي! مون پرولي سلي!

پريت ليلا بہ آ، پريت ڪؤنرو بہ آ،
پريت پرکي تہ ڪا، مون جيان دل جَلي!

وک وتري ڪيو ٿي اچي، ٿي اچي،
هو جهڙالي هوا، هو گلابي گلي!

سنڌ مرٽي نہ آ، اي ”اياز، آ اچا،
اچ جو آسرو، ڪا تہ پاٽي ڪلي.

◈

آنءُ ڪنول جو ڦول ڏسان،
تـون يـاد اچـيـن!
آنءُ پـنـور، گـنـجـار سُـڻـان،
تـون يـاد اچـيـن!
رات جڏهن گهنگهور هجي،
جيـئـن هـوا گهـوگهـاٽ پڌان،
تـون يـاد اچـيـن!
پرجن منهنجا نيڻ، ڪڪر،
ورڪـا ٿـي تـو لاءِ وسـان،
تـون يـاد اچـيـن!
دڙ لاٿـا دريـاه گـهـڻـا،
تـون لـهـرن ۾ چـنـڊ جـيـان،
تـون يـاد اچـيـن!
آنءُ ڏيـاٿـي روز جـهـلـي،
ڪيسين چائنٽ تي ترسان،
تـون يـاد اچـيـن!
هـر ڪـو واٿـهـڙو آهـ ڇَـڻ،
مان ڪنهن ڪنهن لئہ واجهہ وجهان،
تـون يـاد اچـيـن!
نـيـٺ تـہ اچـڻـي آهـيـن تـون،
ها، پر جي مان ئي نہ هجان،
تـون يـاد اچـيـن!
تـون يـاد اچـيـن!
تـون يـاد اچـيـن!

◈





باڪ ڦـٽـيءَ جو ڪـويـل ڪـوڪـي،
مـنـهـنـجـي نـنـڊ ڦـٽـي!

جـيـئـن هـوا ڪـمـري ۾ ڊوڪـي،
مـنـهـنـجـي نـنـڊ ڦـٽـي!

ٻـيـر جـڏهـن ٿـاريـن کـي ٻـوڪـي،
مـنـهـنـجـي نـنـڊ ڦـٽـي!

پـردا جـرڪـن سـج، پـپـوڪـي،
مـنـهـنـجـي نـنـڊ ڦـٽـي!

◈

تون آڌيءَ رات اُٿارين ٿي، ۽ منهنجي ننڊ ڦٽائين ٿي،
جي رهجي ويا ها گيت اڃا، سي مون کان گيت لکائين ٿي.

اڌ رات اڇي جاڳائين ٿي، ۽ ڇم ڇم ڇيرون پائين ٿي،
ٿاپير پُڇن آڪاش مٿان، هي ڪهڙا ناچ نچائين ٿي.

مان تنهنجا چنڊ ستارا هان، ڪيڏيءَ نہ تجلي وارا هان،
ڪيڏا نہ گلن جا ڪارا هان، سنسار سڄو مهڪائين ٿي.

سڀ سَاز سُرندا تنهنجا ها، آواز نہ ٻُرندا منهنجا ها،
هر ڇَوڙرو ڪوئي پونرو آ، گنجار ائين ڦهلائين ٿي.

هر ڏات بہ تون برسات بہ تون، ۽ ساري ذات صفات بہ تون،
۽ ساونڻ جي برسات بہ تون، ٿي مور سوين پر پائين ٿي.

تون مندر جو دَرُ کولين ٿي، پر دير ڏسي جا بولين ٿي،
ٿي گُھنڊ هزارين ٻولين ٿي، تون سڀ جي ننڊ ڦٽائين ٿي.


سنسان ڊگر، ويران نگر، ڪنهن وقت هيو آباد مگر،
ٿي منهنجا پير چڪين اُن ڏي، ۽ منهنجو پنڌ پُڇائين ٿي.

هر وقت هوا جون هيرون ٿي، اڌرات سڳنڌن، سيرون ٿي،
رابيل ڦٽائين ٿي ڪيڏا، ۽ هَار هزارين پائين ٿي.





# تاجل بيوس



## بيت

سمجهي پير وڌاءِ او يار!
سمجهي پير وڌاءِ.
هن ڌرتيءَ جي دودن سان تون،
ڳورو ڪين ڳالهاءِ
سمجهي پير وڌاءِ.

پونگا ڊاهي، لاهي پاهي، پل پيو ڪوٽ آڏاءِ،
منهنجون ڳالهيون،م انب ۾ ٿالهيون مونکان ڪين کساءِ.
سمجهي پير وڌاءِ

هرڪا چولي، لولي ٻٽبي، وارو ونجهه هلاءِ،
او وڻجارا! ٻيڙيءَ وارا، هڪڙو گيت ته ڳاءِ،
سمجهي پير وڌاءِ

ٻاهه ٻري آ، مند چري آ، ٻيجل تند تپاءِ،
سر جي سڱن هٿڻ ڪان اڳ ۾، پنهنجو ڪنڌ ڪپاءِ،
سمجهي پير وڌاءِ.

جهمريون پائي، پير ملائي، ڇير وري ڇمڪاءِ،
ٿر جي جائي، ٻاگهل ٻائي! "ٻيوس" ڪين ٻڌاءِ،
سمجهي پير وڌاءِ.

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

## بيت

ڪارونجهر تي مور نچي ٿو،
صبح ٿئي ٿو.
موتين وارو مينهن وسي ٿو،
صبح ٿئي ٿو.
چاڻ ٻتيون ۾ ٻلبل اجهاٽا،
آڪيرن مان ڪانگ آڏاٽا،
ماري وڻ تي دام وجهي ٿو.
صبح ٿئي ٿو.
سڪا آچي ڪو وڻجارو،
هر ماڻهوءَ ڪان نيارو نيارو،
مون ڪان منهنجا گيت کسي ٿو.
صبح ٿئي ٿو.

ڪنهن وٽ داڻو پاڻي ناهي،
بک جي آڳ اجهاڻي ناهي،
تڏهن تہ ماڻهو ماس چڪي ٿو.
صبح ٿئي ٿو.
هو ڏس، ڪيڏو پيارو آهي،
ڄڻ تہ صبح جو تارو آهي،
سر تي جيڪو هنج لهي ٿو.
صبح ٿئي ٿو.
ڪنهن ڇهري مان چنڊ ڪڙي ٿو،
ڪو ڪو سڏڪو سڏ لڳي ٿو،
اک مان جيڪو لڙڪ وهي ٿو.
صبح ٿئي ٿو.
آءُ مسافر مرڻو ناهيان،
ٿر تي پيهر پرڻو آهيان،
ويندي ويندي چنڊ چوي ٿو.
صبح ٿئي ٿو.





## غزل

ڪانگ! ڏج هي قربتون دل سان وڃي دلگير کي
لک سنيها، صحبتون، هن لوڪ کي لڪمير کي

هائو، هر ڪنهن ماڳ جي مٽي اسانجي ماءُ آ
رهڻ ڏيو هيءَ رات پي هڪ ٿانوَ ۾ ڪنڊ ڪير کي

ڪين ٿي سگهندو ڪڏهن ميٽاچ، ماڪيءَ کان الڳ
هل تہ سمجهائي اچون، بي ترس ۾ بي پير کي

ڪلهہ بہ ساميءَ، شاهہ، بيدل ۾ نارائڻ هو چيو:
آءُ تہ گڏجي ٽوڙيون، هر ظلم جي زنجير کي

ياد ڪندي يارڙن جي سنگت، ساروڻيون وري
سن وڃائي سونهن آ، جهوري لڳي جهمپير کي

ڪالهہ "بيوس" حد ۽ سرحد جي محافظ کي چيو:
روڪ جي روڪي سگهين، الهاس واريءَ هير کي

## غزل

دنيا کي ٽئين جنگ جي تباهيءَ کان بچايون
اچ جيئڻ جي مقصد تي ڪليءَ دل سان ڳالهايون

ماڻهو آهي ماڻهو، ۽ ماڻهو، ماڻهو ئي رهندو
ماڻهوءَ جي چو عظمت کي "انا الحق" ۾ لڪايون

اڪيچنپ ۾ نفرتن سان پئي جهول پرياسين
الفت جي خزانن کي ڀلا ڪيئن ڪٽايون!

ها، پاڻ بہ ماضيءَ کي سنوارڻ ئي گهرون ٿا
اسان تڏهن تہ گهڙيال جا ڪانٽا ٿا مٽايون

ريشم جهڙي ماڻهوءَ کي گلن وانگي چنڻ کان
بهتر آ تہ نو ٽڻ ۾ پنهنجو وقت وڃايون

اطلاع بنا پاڻ بہ ڪنهن دل جي ڦرڻ ۾
"استاد" آهيون پوءِ بہ "بيوس" ٿا سڏايون!



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

## غزل

هن جسم جو آويءَ ۾ پڪل ٿانءُ پيجان ٿو
اچ مان بہ تحفو سنڌ کي ناياب ڏيان ٿو

جيئن برف مان پاڻي ٿئي، پاڻيءَ منجهان بادل
ان طرح مران ٿو مان ۽، ان طرح جيان ٿو

اچ مان بہ سپاڻي جي دلاسن کي وساري
ڪٽڪن جي پڪل ڪيت کي پيو سجدا ڪيان ٿو

هر عشق عبادت آهي، مان اهڙو لکت ۾
ڪٽي حسن جي دربار مان فرمان اچان ٿو

جيون جي هن اٽڪ، مان گوءِ ۾ "بيوس"
سنڌوءَ جي روانيءَ سان ڪاري چاڻ پچان ٿو

## غزل

ڪنهن ٻارڙي جي ماءُ، ڪا ڪاري نہ ٿي پوي!
پوري هيءَ ڪائنات، ميارِي نہ ٿي پوي!

اک مان ڪري نہ لڙڪ، پلي ڪربلا هجي
ڪر هيءَ دعا تہ: سنڌ اُجاري نہ ٿي پوي!

پنهنجن حقن کي وڻندي، منهنجي بہ هيءَ بندوق
ڏچ ٿو ٿئي گلاب جي ٿاري نہ ٿي پوي!

سنڌ جي مٿيءَ مان سنڌ جا خاڪا ٺهيل ڏسي
زاهد ڪو واٽ ويندي، پوڄاري نہ ٿي پوي!

تنوير جي وچڙ سان، ڇيو ڪنهن تہ ڪالهہ ٿي
هيءَ پونءِ ڪنهن تي "بيوس" پاري نہ پوي!

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

## غزل

هن سنڌ جي نجات جو هڪ خواب ڏٺو ٿم
هر جسم جو زنجير مڪن ساڻ پڳو ٿم

هٿ ڪنهن جي اڇن ڪم تہ عبادت جو آ رتبو
ماٺهو ٿا چون هي بہ پٽائيءَ کان سکيو ٿم

وڏڙن جي ڏنل سبقن کي ياد ڪندي، مون
ڦوروءَ کان ڪسي گرهہ، مسافر کي ڏنو ٿم

ماڻهوءَ جي هٿان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ ماريو
خط اهڙو انيراءِ ڏي هڪ ٻيو بہ لکيو ٿم

مان شاهہ، توڙي شيام جي رشتن تي پيو لکندس
اهو سنڌ توڙي هند سان اقرار ڪيو ٿم

◈

## غزل

ڪٽڪن جي ڪيت پرسان، ٽڙي پيو گلاب آ
هيءَ سنڌ آسماني ڇڻ ڪو ڪتاب آ

محبوب واٽ ويندي، ٿيو ڇاڻ بي نقاب
مڪڙين رکيو سنڀالي جنهن جو حجاب آ

پهتس پيرين اگهاڙو، مظلوم جو سڏيو
هي منهنجي آهي مسلڪ، منهنجو نصاب آ

منهجي قلم جي پرسان، اوندهہ جي راڄ ۾
هر هڪ ڏيئو لڳي ٿو ڇڻ آفتاب آ

سنڌوءَ جي پيٽ مان ٿي، واري پئي اُڏي
پر ۾ وهي ٿو جهلم هت، هت چناب آ

ٿڃ ماءُ جي پياريل، ۽ رت ڦڙن سان گڏ
منهنجي رڳن ۾ جاري، سنڌوءَ جو آب آ

ڪيئن قبر ان ٿي ڪانڌي ڪتبو پيا هڻون!
هڪ روح جنهن قبر ۾ "بيوس" بيتاب آ

◈





## غزل

اٿو عظمتن جا ڦريرا اڏايو
چڱا ايئن چون ٿا، ڦريرا اڏايو

سڄي لاڙ سان ٿو سمنڊ ويڙهہ جوٽي
مٽي، ڪاري ناڪئا! ڦريرا اڏايو

اتر اوت ڪئي آ، اٿو جر سان جهيڙيو
ڏنا وڄ وراڪا، ڦريرا اڏايو

مڙيا مڇ ۽ مانگر، اچو سڏ سڃاڻو
ڪياڪنن ڪڙڪا، ڦريرا اڏايو

ڪلاچيءَ جي ڪن ۽ گهاتو گهڻ گهرن سان
جوڙي سنگ سياڪا، ڦريرا اڏايو

مائٽ مورڙن جا، صبح شام "بيوس"
ڏين ٿا ڏوراپا، ڦريرا اڏايو

◈

## غزل

ماڪيءَ جهڙا مٺڙا ماڻهو
سنڌ جا سون سريڪا ماڻهو

نيٽ ڦڳڻ جيئن اونداهين ۾
مشعل ٻڌجي ٻرندا ماڻهو

ماڻهن وانگي ڳالهائن ٿا
پوءِ بہ لڳن ٿا گونگا ماڻهو

ڪيئن چوين ٿو ڍورن وانگي
ڪنهن تہ ٻهاني ڪسندا ماڻهو

بازارين ۾ مڙدن جهڙا
ڪوڙ لڳن ٿا جيئرا ماڻهو

ويهين صديءَ ڪان پوءِ بہ "بيوس"
مئلن جهڙا هوندا ماڻهو

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

## غزل

سنڌ جي نجات ڪي ڳلهي وٺون
رات مان پرڀات ڪي ڳولهي وٺون

دل مان ويندڙ، دل جي راهن ڪي وري
پنهنجي، پنهنجي ذات مان ڳولهي وٺون

بيت، دوهو، غزل، ڪافي گيت چئي
ڏيهہ سارو ذات مان ڳولهي وٺون


آ تہ همت جي هٿيارن سان وري
جيت، ڪلهہ جي مات مان ڳولهي وٺون

ڪالهہ جي سچ، سونهن ۽ سرهاڻ ڪي
طور جي تجلات مان ڳولهي وٺون

ضيا، فرانڪو، هٽلر، نواز ڪي
اڄ تہ ڪنهن ڪم ذات مان ڳولهي وٺون

◈

# ابراهيم منشي







## نظم

اسان انقلابي اسان انقلابي،
ٿي مجبور حملا ڪنداسون جوابي.

سٺا سون سوين سر تي قانون ڪارا،
اچي تنگ، ڪرڻ جنگ، سکي ويا هي سارا،
ٿيا جڏهن ظالم جا مظلوم مارا،
رهي ڪٿ نه سگهيا پوءِ رهزن ربابي.

ٻڌي ڇڏ ڪروڙن ٻاپاڻن جي ٻولي،
ڀلي چاڙهه سوري، ڀلي مار گولي،
نه رهندي هتي سامراجين جي ٽولي،
آهي ختم ڪرڻي هي ساري خرابي.

نه سهندا هي سانگي ستم سامراجي،
پراڻا فريب ۽ هي رسمون رواجي،
گهرون ٿا گهرون ٿا صحيح حق سماجي،
نه گهرجن مهاجر، پٺاڻ ۽ پنجابي.

وڏيرو هي ظالم، وڏيرو نہ گھرجي،
ڪامورو هي ظالم، ڪامورو نہ گھرجي،
غلط انتظام هي سمورو نہ گھرجي،
نہ هلندي ڪنهن زوردار جي هٿ نوابي.

ڪنداسون نہ برداشت بد انتظامي،
اٿي آگ ڀڙڪي، آ اڄ انتقامي،
حڪومت ڪبي هٿ حقيقي عوامي،
ڇڏينداسون ٽوڙي غلط حد حسابي.

سڄو ملڪ پاپين ڪان پاڪ ٿيندو،
نہ مومل جي طلسم وارو ڪاڪ رهندو.
هتي هر بشر هاڻ بي باڪ هوندو.
آهي ڪرڻي ظلمت منجهان ماهتابي.

سياحيءَ جي راتين جو چيري تہ سينو،
آهي پارٽي لاٿ ڏيئي رت پسينو،
آهي تار مان تارڻو هي سفينو،
نہ ڪر فڪر "منشي" ٿيندي فتحيابي.





## نظم

ڪيسين سهندين سور، او ساٿي! ڪيسين سهندين سور،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گهاءُ نئون، ۽ وک وک تي وهلور.

ڏيهہ سڄي ۾ چيڙيل ڏينيو، ڏيهہ ڏٺين ڪي ڏنگ هڻن،
وک وک تي ويڙهيچن ڪي، واريو ڦيريو ونگ وجهن،
سورن ماريل سانگيئڙن جا، چيئوڙس پڌ پيا چنگ چرن،
پنهنجي گهر ۾ مرضن ماريل ماروئڙا مجبور او ساٿي!

خون اسان جو پيئندي پيئندي، پاپين ڪيئڙا پيٽ وڌا،
ڳڙڪائي ويا ظالم ڪيئي، مظلومن جا ماس هڏا،
زر زمين جا مالڪ بڻجي، ويٺا ناهي عيش آڏا،
مهر زبان تي ماروئڙن جي، ناهي ڪچڙ دستور او ساٿي. !

هتي هلن پيا ڪئين هزارين ون يونٽ جا واپاري،
آڙ وٺي اسلام سنڌي، غدار ڪندا هي غداري،
وري ڪندا نيلام نئون، هي پئسي جا آحن پوڄاري،
متان ڙي وانگي وڃين نہ وڪجي، دوکي کان رهہُ دور او ساٿي!

جاڳي پيا پٽ جيجل جا، اڄ جاڳي پيا جنباز ڪئين،
پرمارن جا پير نہ ڪپندا، شاهي وريا شهباز ڪئين،
سوريءَ کي سي سيج ٿا سمجهن، اڇن ڪريو نٽ ناز ڪئين،
کهڙا چاڙهي چاڙهيندي تون، ملڪ سڄو منصور او ساٿي!

اڇو تہ "منشي" متفق ٿي اڄ ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي،
ظلم سندا زنجير هٿن سان ڀاڻ ئي پنهنجي ڀاريون ڙي،
سر رکي سانڌاڻ مٿي ۾ مستقبل تہ سنواريون ڙي،
وقت اسان کي ساٿ ڏنو آ، منزل ناهي دور او ساٿي!





## نظم

متفق ٿي مسڪين اچو اڄ ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي،
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي ۽ وير ڀراڻا واريون ڙي.

وک وک تي جن ڪيا وڏيرن ويڙهيچين سان واويلا،
شام صبوح ڪوڏار هٽي، تہ بہ سير آٽي لئہ سو ٿيلا،
ڪئين ڪتا تن پيٽ بکيا ۾ آنگ اُگهاڙا البيلا،
اهڙا موذي ملڪ سڄي مان چونڊي ماريون ڙي!

قاتل قوم فرنگ جو چمچو، جاچ اهو جاگير ڏٺي،
مير هجي يا پير هجي يا جان بهادر هجي ڪٺي،
پڇا ڪري ڏس پيڙهياتن کان، ڪٿان تو هيءَ جاگير ڄٽي،
پورهيتن جي پگهر منجهان ٿو، ننگيون نچائي ناريون ڙي!

مزدور جي ماس منجهان ٿو، مالڪ مل ڏس موج ڪري
وال ڪروڙين رو زبڻائي، پوءِ بہ تنهن کي سور سري،
سردي گرمي گوڏ گنجيءَ ۾ بنا ڪفن مزدوري مري
مرون ۾ ماريون ماروئڙن تان ظلم ستم هي ٽاريون ڙي!

زردارن جا ظلم هتي جي، ڪاهڙ ۾ ويهي ڪولي ڪو،
آتي لتي ۽ ادا اجهي لئہ، ٻڙڪ هتي جي ٻولي ڪو،
پنهنجي هٿ سان پنهنجي ڳچيءَ لئہ سوري جڙ ٿو ڳولي سو،
سانگيئڙن لئہ، ستم هزارين ڪهڙا ساري ساريون ڙي!

خون ڪرائي وڏو وڏيرو، سيٺ، چوڌري، رئيس هتي،
جهوپن وارن جهانگيئڙن لئہ، پاپي پوءِ پوليس هتي،
ڪنگالن لئہ ڪيس هتي ۽ پورهيتن سان پيس هتي،
چور چتا، چالان چڱا ۽ گگدامن تي گاريون ڙي!

ويل هزارين وانگيئڙن تي اڳي وڏيرو ڪري هزار،
مسڪينن جي ماس مٿان ٻيا ڏارين ٻولي وارا ڏار،
“همين ملي هي زمين نڪل جا تيرا نهين ڪڇ اِڏر وقار،”
ڪيئن ڪريون ڪاڏي وڃون ۽ ڪهڙي در پڪاريون ڙي!

انڌير نگري ادا ڙي! هن ۾ ماءُ نہ سهٽي ڏيءُ جڻي،
ظالم ڏس زردار وڏيري ڪي جي ڪنهن پي وقت وٽي،
زوريءَ سان ٿو ظالم تنهن ڪي ڪوهہ مٿان ڏس ڪٽي ڪٽي،
اهڙا ڳولهي ڳولي ماريون، سيني ڪي ڪجهہ ٺاريون ڙي!

ساحل ڪان هي دور جي ٻيڙيون، لهواريون ڪي اوپاريون،
سڙهہ سنواري تن جا ساٿي، ماڳ پهچايون موچاريون،
پهچو تن ڪي پري نہ ڇڏيون، ناڪئا ڏيئي ناتاريون،
اڇو تہ “منشي” گڏجي تن ڪي، طوفانن مان تاريون ڙي!





# نظم

تنهنجو مرون پٽين پيا ماس، توڪي ڪيئن اچي جڳ راس،
ڏوڙ وجهي پئي ڏرتي توتي، ڪلي پيو آڪاس.

سهي سيارا پٽن تي پارا، تو جي ورايا پاٽيءَ وارا،
ڪيٺ ڪرا سپ ٻنيون ٻارا، سوئر ڪائي ويا ستي تو سارا،
اجان جئين پيو جڳ ۾ پيارا، تنهنجو باغ ٿيو بنواس.

لوڏ لڳايون ٻڌي مهاڙوين اچو تہ گڏجي پير اهاڙيون،
ڪتا ٻچيون ڪن تاڙو ٻہ تاڙيون ڪٽي ڪاهي پئون ڏڦا ڪهاڙيون،
وانگين جون جن پيليون واڙيون، سي ڪريون نهاري ناس.

اجان تہ ٿورا آهن اتوري، ٻلر ٻيهاٽا چرن ٿا چوري،
اهي ٻہ ان تي ڪل ڪندا ڪهري، پوءِ تہ چرندا توڪان زوري،
ڳالهہ اها ڪا ناهي ٿوري ڪڍ رهزن اهي راڪاس.

ٻڌي پنجوڙون پئون سپ پهري، ڪٽي هٿن ۾ پالا زهري،
آڏيون آڏن ڪوڙ ڪيون قهري، شام صبح تن تڙيون ٻپهري،
جهلي بيهون لنگهہ بري ۽ بحري “منشي” عام ۽ خاص.

## غزل

اُٿ دلير مسافر دير نہ ڪر، سڌ سوريءَ جو سينگار وري،
سڌ سوريءَ جو سينگار وري، توکي آهي پوڪاريو ڏار وري.

لڳي چانپ اُتر توکي سيءَ ستي، هتي ڏينهن تپي تنهنجو ماس پچي،
توکي جڳ اهو ڪيئن راس اچي، اُٿي ٻارڻ نئون ڪو ٻار وري.

ظلمات جي رات هي ناهي وڏي، اچ ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ ڪڏي،
هو ڪات اڱيان، هوءَ آهي اڏي، هتي آهي ڪسڻ جي ڪار وري.

هتي خون هزارين خان ڪئين، جانباز اچيو ڏين جان ڪئين،
ويا مرد پرائي مان ڪئين، تون بہ وارو پنهنجو وار وري.

چڏي بلبل گل جا افسانا، ڪڻ ڪات ڪهاڙا نيشانا،
پوءِ پڇتائيندين پروانا، جي شمع ٿي ويئي گل يار وري.

چڏ "منشي" غفلت ننڊ گهٽي، اُٿ تيغ تکي تلوار ڪٽي،
وڙهہ ويرين سان تون هوڪا هٽي، ۽ ڏونگر ڏاڍ جا ڏار وري.

◈





## نظم

وڪڙ ۽ ونگ وانگين تي، وڏيرن جا وزيرن جا،
هزارين ظلم هت آهن، ڪي ميرن جا ڪي پيرن جا.

نئون نت روز هت نارو، نئين نت روز غداري.
نئون دولاب نئون دوڪو، نئين نت مڪر مڪاري،
فريبي چال نت نئين ۽ اپوجهن ساڻ عياري،
صبوح ۽ شام سانگين تي، ستم سرمائيدارن جا.

چڙهي هن ملڪ جون ويبيون، وري واڳڻ جي ور واڳون،
ملي هن قوم کي هڪ ڪوڙ جو لقمون جڏهن جاڳون،
وري ساڳيا پراڻاس سي، ٻڏي پاپي ويهڻن پاڳون،
رچن ٿا سانگ نت نت ڏس، غريبن تي غدارن جا.

جي پنهنجي ٻولي هٽ ٻوليون، لڳن ٿا گرز ۽ گوليون،
ڪريون جي ڳالهه حق جي هٿ، پريون جيلن سنديون ڪوليون،
اُٿو اي سنڌ جا سانگي، ناهي ٿانڊن جهڙيون ٿوليون،
ڪريون قوت سان پنهنجي، منهن ڪارا هت مڪارن جا!

نہ مٽ دنيا ۾ تنهن ثاني، ڏني جنهن قوم قرباني،
گهري ٿي گهوٽ آزادي، مٿن جي يار مهماني،
ڪفن سر سان ٻڌي لاهيو، جڪڙ جيجل مٿان جاني،
گذارين ٻار ڪين ڪڏهين، غلاميءَ ۾ غيورن جا.

وري اڄ قوم ڪي نئينءَ جنگ لئہ جاڳو ۽ جاڳايو،
اٿل رک عزم اندر ۾، پٽنگ ٿي پير پڙ پايو،
جيئون آزاد ٿي جڳ ۾، يا "منسي" موت سرمايو،
لڙي سپ لوڪ تان لاهيون، هيڏا هاڃان هچارن جا.





## انقلاب

اي هاريو اي ساٿيو، اي سنڌ واسيو،
اٿو ڪو خوني انقلاب، انقلاب آڻيو.

نہ هاڻي ڏاريو دل نرم، نہ ڪريو ڪنهن مٿي ڪرم،
نہ جن جو دين ڪو ڌرم، وڏا وڏا سي بي شرم،
نيون تنين جون سازشون، مٽيءَ ۾ ملائيو.

هي حامين اصلئون هند جا، نہ ٿي سگهيا سي سنڌ جا،
هي لکنوي ۽ دهلوي، سگهن سڏائي نا سنڌي،
ڪيو انهن کي ڪڙم مان، ڌڪا ڏيو ڌڪاريو.

نہ آس مير پير ۾، نہ ڪنهن وڏيري وير ۾،
نہ چوڌري نواب ڪنهن، نہ آندو انقلاب ڪنهن،
اٿو اگهاڙي پير سان، مرو ۽ حق لئہ ماريو.

هنن اچي زبان ڪٽي، چون پيا ڪا ٻي چٽي،
ٻهارين جي پي اچي، نئين ڪا گهل سنڌ تي،
ڪٽو ڪهاڙا ڪات سپ، اي سنڌ جا تہ سانگيو.

جا ول ٻنا آ پاڙ جي، سا سرجندي ئي ساڙجي،
جو وڻ وڪوڙجي ويو، سڪي سوپينگ ڀانگ ٿيو.
ڪهاڙين سان ٿي ڪٽي، زمين ڪي ريج رت ڏيو.

جو تو ڏنو سو ڪوڙ هو، فريب دوڪو ڊوڙ هو،
رڳو هنيا ٿي تن رمل، نہ هو انهيءَ ۾ ڪو عمل،
ڇڏي پرايو آسرو، ڪا پنهنجي ڦوڪي ٻاريو.

ڏسو هي "منشي اوپرا، لڏيو اسان ڪي چون پيا،
نباهُ ڪهڙو نانگ سان، هي نانگ مرندا ڏانگ سان،
انهن سندي اڍي ٻنا، گهڙي نہ هڪڙي گهاريو.





## نظم

اسان جنگ پيجل ٿي چوري سگهون ٿا،
تہ ٿي ڏياچ پي ڪنڌ ڪوري سگهون ٿا،
غلاميءَ جا زنجير ٽوڙي سگهون ٿا،
ويل ڀاڳ پنهنجو ورائي سگهون ٿا.

اڏيل ڪاڪ تنهنجا اهي طلسماتي،
جنهن جي راهہ سوڍن صحيح آ سڃاتي،
هتي زهر تنهنجي ڪنداسون حياتي،
تنهنجي ڪاڪ ڪوڙي اڏائي سگهون ٿا.

ڏيها ڏيهہ سڄو ملڪ منصور آهي.
اچي تنگ ڪرڻ جنگ دستور آهي،
نہ "منشي" ڪا منزل تڏهن دور آهي،
جڏهن سر سوريءَ تي چڙهائي سگهون ٿا.

اسان نينهن لائي نڀائي سگهون ٿا،
سوين سنڌ لئہ سر ڪٽائي سگهون ٿا.

تون چا پر هزارين ويا هار کائي،
ٿيا عرب ارغون ترخان توائي،
مغل ۽ فرنگي ڪياسون تباهي،
انهيءَ ريت توکي متائي سگهون ٿا.

جڏهن مرد مانجهي مهاڙيون ڪڍن ٿا،
کهوءَ جي ڳنن سان ڪهاڙيون ڪڍن ٿا،
تڏهن رت ريلا ٿي واهڙ وهن ٿا،
مڪارن کي ماري مچائي سگهون ٿا.

سوين توکان سورهيه سياڻا هليا ويا،
طرف کهڙي نه چاڻا هليا ويا،
ڪيائي ڪئين ڏگ ڏاڻا هليا ويا،
ته توکي به هڪ ڏينهن پچائي سگهون ٿا.

گهڻا ڏينهن چورن هتي چاڳ ڪيا ٿي،
سوين اڄ سنڌي پاڳيا جاڳيا سي،
"دريا خان" "هوشو" "هيمون" ساڳيان سي،
زنده لاش تنهنجا جلائي سگهون ٿا.





## درياءَ سان سوال

درد وندا هي دانهون توتي، ڏيندا درياءِ شاهه دلير،
ورهن جا اڄ وانگيئڙن کان، ويساهه ڏيئي تو ورتا وير،

سارا سورهن سال سڪي تو، پيٽ ۾ پاليا پرت پنوهار،
ريلن ۾ تو رائو ڏيئي، چايا لاٽا لوٽ ليار،
پاسا تو ته پسائڻ چڏيا، پيريءَ وارا تنهنجا پار،
ملاح پٽي ويا مڏيون توتان، ٻيڙيون پاري ٿيا پڪرار،
پرم ڏيئي پاڳين کي پوءِ، پنيت بڻجي پريئه پير.

گهيرا ڏيئي تو گهارا پائي، راڄ روئاريا راتو رات،
سانگيئڙن جي ساهه ۾ سونڪو، سپ ڪنهن سر تي ٿي سڪرات،
ڪاري رات ۾ ڪلهن ڪلها، ووءِ ووءِ واتو وات،
ڪلهن ڪيهون راڻن ريهون، ڪو نه رهيو اٽ ڪنهن جو ڪير.

پچرا توڙي پر پڪيڙي، پهرين پريئه پنهنجو پيٽ،
چوڏاري تو چٽ ڪيا پوءِ، چگڙا چانديءَ هاڻا چيٽ،
ساين پنين سيرون ڏيئي، مارو ڪيا تو مليا ميٽ،
لکين لڙهائي لهوارا تو، لونيارن کي ڪيئڙو ليٽ،
ڊار ڊنگر جي ڊول رهيا ٿي، تن جو ڪيو تو ڊينگو ڊير.

موج ڪري مهراڻ ميان تو، ماري مارن مال ڇڏيا،
آٽا لٽا ۽ آجها ٻه پنهنجا، اڄ ڇڏيا، ڪن ڪالهه ڇڏيا،
گوٽا ڪيندي گونگن جيئن ڪن، لڇندي پنهنجا لال ڇڏيا،
جوءِ سڄيءَ ۾ جهانگين لئه تو، جاڳائي جنجال ڇڏيا،
ٽنگ پڇي ته ٻه ڪين رهي ٿي، هي ٻه هريٽي واري هير.

پاڳين پنگا پنگ ڪيئي پر، وڏءِ ماڙين ۾ ماتام،
دهشت دڙڪا جهولن جهڙڪا، ڪنن ڪڙڪا ڪاري قيام.
بند ئي ٿوڙي ڇڏيئه ٻوڙي، سانپيئڙا جي تنهنجي سام،
شهرن بحرن شيل ڪيا تو، ڳاهي ڇڙهين ڳوٺ ۽ گام،
سوشلزم تي ٺهندي آيو، پاتا جت تو پنهنجا پير

اُپ مان پاٽي ڏرتي پاٽي، پاٽي پاٽي پورو پٽ،
ڪٿ ڪا ٽڪري ٽنهن تان ڇڪري نانگن جهڙيون ۽ ٻيا جهٽ،
ڪاهڙ وارن ڪپرن ڪائي، ڪيا ڇرڻ ڇلڻ ڪنا ڇٽ،
تنهنجا پڻ هي حاڪم وارا، ساڳيا نخرا ناز ۽ نٽ،
جوڙڻ ۾ جن جڳ لڳا، تن ٻوڙڻ ۾ تو دم جي دير.

ڪن جا پڌرا پورا ڏينهن ۽ ڪن ڪي سانپاهي جا سور،
ڪالهه ڄٽيا ڪن اڄ ڄٽيا، سي مارو‏ئڙيون ٿيون مجبور،
جيئڻ جهنم، مرڻ مصيبت، "منشي" ڪيڏا ڪيئي ڪلور،
پاءُ رهيو نه پاءُ سان پيڙو، ڏيءَ ڪٿي، ڪٿ ماءُ مجبور،
ڦوڪ ڏيئي تو ڦوڪي ڇڏيا، ڦيري ڦوڙائي جا ڦير.

◈





## درياءَ جو جواب

آزاديءَ جو مان متوالو، مون سان رکيئون من ۾ مير،
مرڪز ٽوڙي موٽي آيس، سنڌ مٿان هو ڪرٽو سير.

پڌڙي شاعر ڳالهه پئي جي، ڏنئي ڏمرجي ڏاڍا ڏوهه،
سارا سورهن سال سڪائي، ڊوهين مون سان ڪيئڙا ڊوهه،
زنجيرن ۾ زوريءَ جڪڙي، لڱ لڱ منهنجي لاتئون لوهه،
ڇڙيون هٽندي نيٺ ڇنائي، پهرين تن تي ڇنڊيم ڇوهه،
سالن ڪان سڪ، سنڌ گهمڻ جي، پوءِ تيڏانهن پاتم پير.

پر ڇڏي ويا پاڳيا منهنجي پنگا جن جا ٿيا پڙپانگ،
پنوهر، پليجا، سهٽا سوڍا، ڳاڙهيون ڳئون ۽ ڇريا ڇانگ،
ڪٿ ڪٿ ڪن جت ڪاموڻ تي، ڪاموريون ات ڪارا نانگ،
سرليون هڪڙِون چالن چڙيون، هونگر هون هون چڙيل ڇانگ،
ڇٽي ڇماٽي ڇانگ ڇنل ڪا، ڇوٽ پريان ڇمڪائي ڇير،

منهنجي حد جي هارين جا هٿ، هئي هئي ٿي ويا هيٺا حال،
ريلن رائو آڪ ڦلهاريا، سال سڪي ٿي ويئڙا سال،
ارهي ائنري ڪيا آٻالا، اهڪا تن جا آل عيال،
چيٽ ڪتيون سپ چٽ ويا ٿي، پون ۽ سڄي تي پيو پونچال،
ڏار ڪيو هو ڏارين "منشي" وانگيئڙن سان جن جو وير.

چوراسي ۾ چالون ناهي، بندون ڏيئي ڪيائون بند،
پنجاسي ۾ پاپين منهنجا، روڪي ڇڏيا سپئي رند،
تربيلا ۽ منگلا ناهي، صاف سڪائي ڇڏيئون سنڌ،
پياءُ سڏائي پينگ پيا ڪن، هاٺو ٻٺجي سي هر هنڌ،
چتا پتا ۽ ڏاريا پڌرا، ساڳيا سسئي وارا ڏير!

هاجان هونءَ تہ هزارين آهن، هيڏا سارا هاجان هيل،
اسان ڦڙيءَ لئہ ڦٿڪون ويتا، پاڻ پيئن پيا ريل ۽ ڇيل،
ڪچون پچون اسلام ڪي خطرو، جاءِ اسان لئہ آهي جيل،
ڪيستائين رت هي روئندا، ڍٿ ڏٺي هي ڪيسين ڍيل،
قربانيءَ ري ڪير نہ ڪنهن ڪي، ڏيندو آهي ٻتڙي ٻير.

گهوڙا هيڏي گهٽ ۽ ٻوسٽ ٻنين ونين ٻول ٻرن،
سوڪهڙي ۾ ساهہ منجهي پيو، ساري ڌرتي سپ سرن،
پيئڻ ٻلائون پهري پيون، پنوهر ڪهڙي پار پرن،
"منشي" مارن وات ۾ ٻچڙا، ڪهڙي در تان دان گهرن،
چونڊيل گڏجي چرچا ڪن پيا، اسيمبلي ۾ آهي انڌير.





## نظم

هاجان هونءَ تہ هزارين آهن، هيڏو سارو هاجون هيل،
پاٽي بند پنوهارن جو ٿيو،هي ٻہ يزيد امام جو ڪيل.

دردوندن جون دانهون تو تي، ديس منهنجي جا درياهہ شاهہ،
ڪهڙي روڪ آ روڪيو توڪي، پنوهر پياسا ٿي ويا پاهہ،
صدين ڪان تو سيرون ڏيئي، واهيا وانگين واهڙ واهہ،
منهنجي ڏٻري ڏيهہ سڄي جو، سنڌوءَ تون ئي ساهہ پساهہ،
تنهنجي سوڪ آ سنڌ سڄي تي، جهڙي تاتارين جي ڪاهہ
مانڊي ڪنهن تو منڊ وڌا، يا پاڻ ڪٽي وئين چت تان چاهہ
اسان ڦڙي لئہ ڦٿڪون ويتا، تنهنجي ڍولڻ هيڏي ڍيل!

سهٽا سوڍا، درس چڍي ويا، پنوهر، پليجا تنهنجو پيٽ،
وري ور ڏيو پئي واري اُڏامي، جت هئا چانديءَ هاٽا چيٽ،
آبادي اس ڪٽي ويئي، جهوريو جهولن جي تہ جهپيٽ،
ملڪ مٿان جڻ موت ڦري ويو، مارو ٿي ويا مليباميت،
تو نہ جڳائي جڳ جا جاني، هيڏي ساري لالڻ ليٽ،
گونگن ٻوڙن گگدامن جا، پاٽيءَ ريءَ ٿيا پلا پيٽ،
رت روئاري راڄ چڏيا تو، هاڻ اڇيڪر ريل ۾ چيل!

ٻيجا ٻارا ٻنيون ونيون، ٻار ٻڏا سڀ جواڻ جماڻ،
تاڙي واري تانگهہ تنين ڪي، تن ۾ تولئہ تاٽو تاڻ،
توڪي پرتل هي پرين ڪان، لاڙيچن جي هي لاڏاڻ،
سوين هزارين سهٽيون ٻوڙيون، موجون ماري ٿو مهراڻ،
چا اڄ ڪان تو چيهہ ڪيو يا، ڏاڍن جا ڪي پيئڙا ڏاڻ،
خشڪيءَ ڪان هٿ خالي ٿي ويا، ٻريل تريل اڳين ٻاڻ،
جيئڻ جهنم جهانگيئڙن جو، جڳ ٿيو جت ڪٿ جهڙو جيل!

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

## نظم

سنڌ نہ سهندي سور او ساٿي، سنڌ نہ سهندي سور،
جيجل جا پٽ جاڳي پيا اڄ، مانجهي ڪئين منصور، او ساٿي!

راوت رت رتا هي روال، بختاور ۾ ٻاگهين چاول،
سورين سنرا سانول سانول، ڪهڙ اڪهڙ اڪهندين قاتل،
هر ڪنهن هٿ هٿ ۾ مشعل مشعل، هر ڪنهن تن تنور، او ساٿي!

ڪيسين رهندا ڪوٽ قهر جا، ڪيسين رهندا ظلم زنجير،
قيد ڪري تون ڪو نہ ڪو سگهندين، ڪنهن جو ذهن ۾ ضمير،
تنهنجو داءُ درياهہ جي چولي، پتڻ وارو پور، او ساٿي!

ڪوپا ڪنڌ ڪپائڻ ڪارڻ، ڪوڏئون ڪاهي آيا هي،
آٿل عزم سان آزادي لئہ، سينا ساهي آيا هي،
ناس ڪري ظلمات هي ويندا، نئون نڪيري نور او ساٿي!

آزادي جي سين ٻڌي مون، وستي وستي وستيءَ ۾،
بستي بستي سنڌ ڏنم، هر ماڻهو مستي مستيءَ ۾،
پنهنجي حق وٺڻ جي خاطر، هر ڪنهن اڪ انبور، او ساٿي!

ووڙي ووڙي واٽ وندر جي، ٻاٽ منجهان اڄ لاٽ ڪٽي،
"منشي" ڪئين مهمير اٿي پيا، ڏوتي جا ڏگ ڏٽي،
ظالم ڪنهن زور اور اڳيان، مور نہ سي مجبور، او ساٿي!

◈

## غزل

نوان مقتل نيون سوريون، نوان منصور ميدان ۾،
ڪنبن پيا ڪوٽ ڪانئر جا، ڏسي ڪي مرد زندان ۾.

متن جا ڪول منهن موڪي، متارا موج ۾ آهن،
اڏيءَ تي سر رکي آيا، مڙي ميخوار ميخان ۾.

قبولي ڪنڌ جي آيا، ڪندو ڇا تن ڪڙو قاتل،
ڏيچارين موت جنهن ڪان سو، اسانجي ناهہ امڪان ۾.

هنن ج هاڪ هر هنڌ آ، اهي سرواڻ سنڌوءَ جا،
هنن رخ موڙيا ڪيئي، تہ تقديرن جا طوفان ۾.

تنهنجا زنجير، اي ظالم! ڀڄي سڀ ڀور ٿي ويندا،
نہ منشي رات هي رهندي، ٿا ڏسجن گهوٽ گهمسان ۾.

◈





## بيت

ڪن رولن سمجهي راند هتي آ، ڀارڻ ڀاريو ڀوليءَ سان،
هي ڀولي ڪنهن جي گولي ناهي، گولي گڏبي گوليءَ سان.

اها تيري ميري تو وٽ رک، هت ڳٽن ڀريو ويهي ڳالهاءِ،
نہ تہ نڪري وڃ هن نگري مان، هت پير پليت نہ ڪو پاءِ،
هي سنڌ انهن آ سنڌين جي، جو سنڌي پاڻ کي صاف سڏاءِ
نہ تہ گهر بہ ويندءِ سر بہ ويندءِ، سنڌ مٿيءَ جو مون کي سنهن،
ڪر ڪٽي اچ ڪونڌر اُٿيا، ڪندا تنهنجو ڪارو منهن،
ٽنگيل هوندين ٽياسن ۾، هتي ٽولي ٽوليءَ سان!

منڍيا ڪائي مورين جا هتي، متو آهين مانگر مڇ،
ٿورا ڏينهن اهي ٿونا تنهنجا، راڻن ڦيريا تو تي رڇ،
ڪنڍيون تنهنجي ڪلين ۾ تون، ڪيڏا پڇندين پڇ ۽ ڪڇ،
تو لوسي آ للڪاريو اڄ، غيورن جي غيرت کي،
هن دودن ديس دليرن ۽، جرنيلن جي رئت کي،
هي لٺين جون تان لوليون توکي، لوليون ڏيندا لوليءَ سان!

هي دودي دريا خان دلاور، ڏوپارن جو ديس اٿئي،
هي مانجهين مردن ٻاگهين ٻارن، جهونجهارن جو ديس اٿئي،
هي سچن سانگين سرواڻن، ۽ سنگهارن جو ديس اٿئي،
شينهن ستل تو جاڳايا هي، منتن ۾ تو مات ڪندا،
تو رت ترپايو راڻن جو، هي هڏ ٻه تو هضمات ڪندا،
هي سنڌوءَ جا سرواڻ اٿئي، جي ڇيڙيا آهن تو ڇوليءَ سان!

هي ٻُلي سچل، سانوڻ، شاهه پٽائي گهوٽن جي،
هي ٻُلي ڪل ڪان آهه قديمي، ارڏن ۽ اٺموٽن جي،
هي ٻولي ڏاڏي ناني جي ۽ ماساتن جي سوٽن جي،
آگر هن ڏانهن جيڪو اٿاري، تنهن جو ڌڙ سر ڌار ڪندا،
هي "منشي" سڀ مهمير اٿئي، تو ڇيري ٽڪرا چار ڪندا،
هي هولي ڪيڏي ڇاٽي هر هڪ، هولي ڏسندين هوليءَ سان!





## نظم

سنڌ سستي ٿي وڪامي، نت نئين نيلام ۾،
ڪڏهن ڪهڙي نام ۾، ۽ ڪڏهن ڪهڙي نام ۾.

لاڙڪاڻي جا ليڊر، وات ڦاڙيو واڪ ڪن،
ڌوڙ ڌوڪي ۾ ڏٽولي، ڌاريان هٿ ڌاڪ ڪن،
ڇيريو سي ڇچريو، سانگين جا سپنا چاڪ ڪن،
اوپرن آزاريون، آهون اباڻن عام ۾!

ڪوڏيا ڪرسيءَ سندا ۽، قوم جا قاتل قريب،
هر زمان رهبر مليا هن، قوم کي رهزن رقيب،
جج ٿيا جلاد هت، رت رات ڏينهن روئي نصيب،
ڪنهن وڏي ڪرسيءَ جي ڪارڻ قوم قتل عام ۾!

پنهنجي ٻولي ٻوليون، تان گرز ڀالا گوليون،
چپ چري ڇيرو ٻري، دل درد ڪنهن سان ڪوليون،
خون مارن جي منجهان هت، ڪيڏجن ٿيون هوليون،
قوم جا قاتل ٿا ڏسجن، عيش ۽ آرام ۾!

## مرڪز

محافظ ملڪ جا ميڙي، رکيئون سڀ مال مرڪز ۾،
اسان جو رت ٿيو نيلام، ڪيڏا سال مرڪز ۾.

اجان مضبوط مرڪز جو، نٿو پاندو پيو پرجي،
اُماٽياسون هتان ابدال، سي ابتال مرڪز ۾،

اهو ميجر، اهو ڪرنل، اهو جرنل جگر ڪائي،
سدائين سنڌ پئي ٿڌجي، مثل فٽ بال مرڪز ۾.

وڏيرن ڪي ڏيئي ڪرسي، ڏسو پوءِ تن سندي مڙسي،
هو وتندا پاڻ گهوريندا، عيال آل مرڪز ۾.

پٺاڻن پنهنجي پت پاري، بلوچن باهه هٿ ٻاري،
هيءَ باقي سنڌ ويچاري، ڪسي ڪنگال مرڪز ۾.





اهو سر سنڌ وارا پي، صفا پيا سينڊ ۾ سمجهن،
ڪڏهن چنچل ۽ ڪلواڙو، ڪڏهن تنتال مرڪز .

يقينن ديس پيا تسليم، ٿيندا هر زماني ۾،
ڪڏهن سنڌو، ڪڏهن سرحد، ڪڏهن بنگال مرڪز ۾.

هميشه ڪو نه رهندا هي، وڏيرا قوم جا وارث،
ڏيکاري معجزا مهدي، رهن دجال مرڪز ۾.

هٽي نذرل ويو نعرو، پٽائيءَ جو وريو وارو،
وڃي رهندو هو دل ڪارو، اڏڙ اقبال مرڪز ۾.

مرڻ ڪارڻ لکين "منشي"، اڇن پيا ڳاٽ اوچي سان،
ڇڏيندا ڪو نه پنهنجي ديگڙي ۽ دال مرڪز ۾.

◈

## غزل

هڪ دفعو هاري اُٿي کو پنيت پڙڪائي ڇڏيو،
قوم جي قاتل جي ڪک ۾، ڪان ڪڙڪائي ڇڏيو.

تو صدين کان سڀ سانڍيا، ڏيل جن تنهنجو ڏنگيو،
تن جا اڄ مٽڪا مروڙي، لاش لڙڪائي ڇڏيو.

تنهنجي رت پورهئي پگھر مان، محل جي ماڙيو آڏيا،
تن ٺماڙن ۾ پري، ٽانڊا ۽ ٽڙڪائي ڇڏيو.

اڄ اٿو صدين ستل، انسان پرين جا پلاند،
گڏجي دشمن ڪان وٺو سڀ ڏگ ڏڙڪائي ڇڏيو.

اڏ مئا "منشي" هي مانگر، پيا هٽن پڇ جي پڇاڙ،
تيز ڪو تيزاب تن تان، ڇو نہ ڇڙڪائي ڇڏيو.

◈





## غزل

محنت سان جي لاهي آيا، ماني اُپ جي تارن مان،
سا تو ڦري بندوق ڏيکاري، هٿڙن گورن ڪارن مان.

هٿ هزارين ملي جلي جي، ڪڙي ڪڙي زنجير بنيا،
ڏاڍ جبر کي پڪڙي جڪڙي، ٿارين هٿ هچارن مان.

بمن بارودن سان تو ڪيئن، انسان بک جا بک ڪيا،
اٿيا لوهي لنگ ڪروڙين، غرق ڪرڻ تو غارون مان.

ڏرتي چيري، آن اُپائي، ملون هلائي انگ ڍڪائي،
تن مٿان تو بم وسائي، ٿهڪ ڏئين پيو خارن مان.

تنهنجي شرارت شيڪو ڏسندي، شرمائي شيطان ويا،
"منشي" وير وٺي مرنداسون، سامراجي ان سارن مان.

◈

## ڪونڌر

رت ريٽو ڏيئي راوت، سنڌ کي سوغات ۾،
ٻاڪ جون راسون ويا راسي، رات ڪاري رات ۾.

سر سهائي سنڌ ڪارڻ، ٿيا آ سونهن لئه سونهان،
ڪين ڪسندي ڪسڪيا، ڏيئي ڪنڌ پنهنجا ڪات ۾.

ٿي جبل جابر اڳيان، ڏيئي آڏ ويري واڏ کي،
نور سان نجهرا نڪيري، نامور ٿيا نيات ۾.

ٿي وڏي واڪي چيائون، وانگين جا واهيرا،
يڪن ڏينداسون ڪڌهن، ور ڏيئي واڳونءَ وات ۾.

ٿهڪندي ٽانڊن مٿي ٿي، ٽحڪ تن جا ٿهڪيا،
ڏات آهي ڏيل ڏوڪو، ڏک سدائين ڏات ۾.

ڏيهہ ڏيا ڏيئي ڏيا سان، ڏاڍ کي ڏاري ويا،
وڍ وڍڻ جي وير هئي، وونڪن کي وائي وات ۾.


ڪلپتين جي ڪڙم جا، ڪانئر نہ ٿين ڪوپا ڪڌهن،
موت "منشي" مانجهين، مهندا سدائين مات ۾.

◈





# سرويچ سجاولي



39

## عذابن ۾ ڌرتي

اُٺي جاٺ جوڌا، هٺو جنگجي،
عذابن ۾ ڌرتي، وئي انگجي.

سمهو ڇو ٿا سوڍا، ڊگهيءَ ننڊ ۾،
ٿياسن مٿي سنڌ، وئي ٿنگجي.

کهوٽن کي کوپا، ڪٽي سنڌ جن،
وڃن رت ۾ گس، سپ رنگجي.

وڙهو ۽ وڙهو ۽ وڙهو وانگيو،
وڃن جيئن ويري، سپئي ونگجي.

ٻڌو ڳالهہ منهنجي، ٻڌيءَ ري نہ ٻي،
وجهي ٻک تنهن سان، وڃو ٻنگجي.

لڪو سچ ساٿي، مٿان ڪچ ۾،
وڃن جيئن نہ پنهنجا، قلم زنگجي.

ڪٿي سک سوپن سان لائون لهو،
پچڻ ڪاڻ پڙ ڏانهن، هلو پنگجي.

گهري سنڌ سريون، اي "سرويچ" اڄ،
انهيءَ لاءِ توڏا، بيهو تنگجي.

◈





## حسن وشباب ۽ انقلاب

هر ليک ۾ لازم هجي، حسن وشباب ۽ انقلاب،
خستور جي خوشبو هجي، موتئي سان گڏ گڏ هوئي گلاب،

اونداهہ ۽ اوجهڙ منجهان، جيڪو اپاري انڌلٺون،
واٽن منجهيل ماڻهن لاءِ، ٿي پئي آفتاب و ماهتاب!

آٽي زمين ۾ زلزلو، يا سپ اکوڙي عرش اپ،
يا ظالمن زبرن کي ڏي کو، جان جهوريندڙ جواب!

ڪوهہ ڪاف ڪُل ڪُکرا ڪري ۽ ڪهڪشان ڪيهون ڪري
مظلوم قومن جي ڪري، ڪل ڪوشش کي ڪامياب!

محبوب ۽ معشوق هي، مسڪين موجن سان گهمن،
هو منهن منجهان مهڪي ڦٽن، خوشحاليون شباب!

کهنبن وڳن ويسن سان جيئن، وهسن ۽ وڙڪن جيڏڙيون،
ڪوهن ۽ ڪيٽن جي پران، ڪن پوڳ چرچا بي حجاب!

هن سيم پنهنجيءَ ۾ هجن، صدها صدين تڪ ساوڪون،
محبتن جا مينهن وسن ۽ پيار جا پڙهجن ڪتاب!

"سرويچ" تنهنجا سپ سخن، سوپن سجاڳين جا سبق،
جيئن جيئن پيا پڙهبا هتي، تيئن سنڌ ٿيندي صحتياب!

◈

## غزل

سرويچ پنهنجي شاعريءَ ۾ معجزا پيدا ڪي ڪر
جيئن همٿون هيٺا وٺن سي حوصلا پيدا ڪر.

قلمن ۾ اهڙيون قوتون ۽ قدرتون ڪڏڪار ڪن،
جو سڀ سٿون سرڪش هجن، سي سلسلا پيدا ڪي ڪر.

وک وک مٿي لک لک ليپن، ويڙهيون ڪندڙ ويڙهاڪ پٽ،
سانگا نہ جن ڪي ساهہ جا، سي سي ڦريا پيدا ڪي ڪر.

زوراورن جي زور ڪان، لڱ لڱ لٽيرن جا لبن،
عرشن زمينن ۾ تہ اهڙا، زلزلا پيدا ڪي ڪر.

واين ۾ وائي وڍ وڍان، بيتن ۾ بو بارود جي،
نظمن جي هر هڪ نقطي ۾، وڳ ولولا پيدا ڪي ڪر.

پيلي نہ جيئن هن پونءَ کي، ڪو پاڙ ڪيندڙ بد نظر،
پاٽن پٽن پاڳين منجهان تون پرجهلا پيدا ڪي ڪر.

سڀ مشڪلون ميسارجن ۽ منزلون مرڪي ملن،
ماري مڙئي موجاٽجن سي مرحلا پيدا ڪي ڪر.





## غزل

جهونگار جن جي جستجوءِ سوڀ جن جي ساهيڙي،
ثابت پڌن جي سندرا، سي مرحلا پيدا ڪي ڪر.

برپٽ بڪون توڙي اجون، ونگو نہ جن جو وار ڪن،
نيزن مٿي جيڪي نچن سي، نينگرا پيدا ڪي ڪر.

ها اٽڪون جن جون اجهل، گهيڙان گهڙڻ جي گت نہ جن،
هر هنڌ تان ٿئي “هٿ پري” سي هوڪرا پيدا ڪي ڪر.

هي موملون هي ميندرا، پنهنجي مرڻ جيئڻ جي لئہ،
سڀ وڏڦڙا واڇوڙ ويرون، وهڪرا پيدا ڪي ڪر.

هر چوڪ تي چاري چغل، چار ئي طرف چورن جي هٽ،
چنجور سان چيرڻ لئہ تن کي، چلولا پيدا ڪي ڪر.

جي جيجلن جوين ۾ توڙي، جو مٿان جهيڙاند ڪن،
سي جنگ جوڌا جنگ لاءِ، جابجا پيدا ڪي ڪر.

تون پنهنجي ڏاهيءَ ڏات سان، ڏوتين مٿان سپ تار ڏک،
سانگين مٿان سک سهنج جا، سچ سوجهرا پيدا ڪي ڪر.

آزاديون آباديون، آسودگيون عيدون هجن،
آسون ڪڏهن عرشن مٿي، سي آسرا پيدا ڪي ڪر.

تون سنڌڙي ساري سان گڏ، سڏجين سجاول جو بہ سڏ،
هر حال ۾ جي هڪ هجن، سي همنوا پيدا ڪي ڪر.





## سراپا احتجاج آهيان

سراپا احتجاج آهيان، سراسر انقلاب آهيان
مان پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ جي، حسابن جو ڪتاب آهيان.

ڪڙهان ٿو قوم ساريءَ لئہ، سڙان سانگين سپاجهن لئہ،
وڙهڻ ۾ تنهنجي ويرين سان، نہ ڏسندو ڏوهہ ثواب آهيان.

وجهن جي ونگ وانگين کي، هٽن سنگهرون سنگهارن کي،
انهن لچن لٽرن لئہ، وڏو جنگي جواب آهيان.

پيو هر سنڌ واسيءَ جي، اکوڙيان ننڊ اکڙين جي،
جو جاڳائي جڳن تائين، اهو چنگ و رباب آهيان.

جڏهن جنگين جي پڙ اندر، لڳن ٿا گهاو گهوٽن کي،
وهي تن جي جو بت مان رت، اهو گهرو گلاب آهيان.

هي منهنجا ليک سڀ آهن، لٽيون لوڙهيون ۽ للڪارون،
برن بد خواه ماڻهن لئه، بکايل ڄڻ عقاب آهيان.

ڇيا قومي ڪلام آهن، گڏوگڏ انقلابي پڻ،
عوامي شاعري اندر مان، اوچو آفتاب آهيان.

گهٽا نقال نڪ نرجا، نسورو ڪن نقل مون تان،
انهن ڪم چور ڪوڙن کي ته، ڪندو بي نقاب آهيان.

سهاڳڻ سنڌ جو سوڍو، سگهو "سرويچ" سوپارو،
نه پيريءَ جو مٿم پاڇو، شباب ئي بس شباب آهيان.





## انقلاب آيو ڪپي

ڇا ڪنڌ قاتل پيو ڪپي، ڇا لال لٽ ۾ پيو لپي،
بس! انقلاب آيو ڪپي، هو انقلاب آيو ڪپي.

جيئن جيئن جبر جورو ٿئي ۽ قهر نت ڪورو ٿئي،
تيئن تيئن ٿي ڌرتي تپي، بس! انقلاب آيو ڪپي.

ڇا رت راڻن جو تتل، جهوري جبل آيا ڳپل،
مڙسن ڇڏي منزل مپي، بس! انقلاب آيوڪپي.

هي جيئرا جذبا ته پس ڪاتن ڪهاڙن تي نه ڪس،
يارن ڪنيا، ٽوڪي ٽپي، بس!انقلاب آيو ڪپي.

هي جيئرا جذبا ته پس ڪاتن ڪهاڙن تي نه ڪس،
يارنڪنيا ٽوڪي ٽپي، بس! انقلاب آيوڪپي.

سوڍن جي سر سونهن جو قسم، بدڪار جا بارود بم،
جوڌن پٽن ورتا جهپي، بس! انقلاب آيو ڪپي.

هر هڪ ٻچو سنڌ سان سچو، سينو ڪڍيو ڇٽي پيو اچو،
ٽينڪن اڳيان بيٺو ٽپي، بس! انقلاب آيو ڪپي.

سوريءَ چڙهڻ سڀ پيا سکن "سرويچ" سوڀن لئه لکن،
۽ ڇاپٽي ڇاپئي ڇپي، بس! انقلاب آيو ڪپي.

## عورت

تنهنجي تہ سونهن سوڍي، پڙهيم پٽيءَ پٽيءَ ۾،
توکان سواءِ هجي ها، دوزخ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾.

ڪيڏي حسين آهين، ڪيڏي حبيب آهين،
هر پل پڌا مون اهڙا، هوڪا هٽيءَ هٽيءَ ۾.

ڏاتي مون ٿج تنهنجي، سنهڙن چپن سان چسڪي،
تنهنجو ئي پيار پياري، پيتم وٽيءَ وٽيءَ ۾.

ماءُ ڀيڻ ڌيءَ آهين، محبوب دوست آهين،
ميڙي رکين ٿي سڀ لئہ مرڪون مٽيءَ مٽيءَ ۾.

ان دم تہ دم سندوءِ، ويندو سڄو هو دمجي،
پوندو هئس جڏهن مان، اٽڙي آٽيءَ آٽيءَ ۾.

ساري سماج لاءِ، هر پل سٻاجهہ آهين،
مغموم دل جي لاءِ، تون ڇانئون ڇٽيءَ ڇٽيءَ ۾.

تنهنجي تہ صحبتن سان، ناچاق چاق ٿيو پئي،
شامل شفائون تنهنجي، مرهم پٽيءَ پٽيءَ ۾.






سارو جهان تنهنجي، جلون سان جوتجي ٿو،
شمس وقمر جا شعلا، سينڌ وپٽيءَ پٽيءَ ۾.

صحبت ۾ تنهنجي سانئڻ، آهي سرور ڪيڏو،
شاخون ڪي شهيد جون چڻ لئي لٽيءَ لٽيءَ ۾.

مسلم هجين يا هندو، مشرق رهين يا مغرب،
ڪو ئي فرق نہ آهي، ڪافر ڪٽيءَ ڪٽيءَ ۾،

هيڏي عظيم هوندي، پل پل ۾ پيسجين پئي،
ڦاٽي پلا تون آهين، ڪهڙي چٽيءَ چٽيءَ ۾.

هر روز چيچڙي ۾، پيڙهي پيو پاپ توکي،
پوءِ بہ سگهہ ڪيڏي، سورن سٽيءَ سٽيءَ ۾.

ڪوڙهئي سماج ڪي آ، توساڻ ساڙ ڪيڏو،
ڄرڪن جي ڄاڙ آهي، پڙهيل پڄٽيءَ ڄٽيءَ ۾.

"سرويچ" تنهنجي سونهن ۽ سيرت مٿي لکي ٿو.
ناهيس نگهہ ڪنهن تنهنجي، ڪاري کتيءَ کتيءَ ۾.

## قوم پرستي زنده باد

ڀيا سڀ نظريا ڪوڙا ڪوڙا، قوم پرستي زنده باد.
سنڌي ماڻهو، سنڌو دريا، سنڌ جي ڌرتي زنده باد.

سنڌ آ سجده گاهه اسانجو، سنڌ اسان جو مذهب دين،
سنڌ ۾ سنڌو بدران سنڌين ڪي، ٻيو گهرجي ڪجهه ٻه ڪين.
پنهنجي مٽيءَ ساڻ اٽن بس، عشق السٽي زنده باد،
ڀيا سڀ نظريا ڪوڙا ڪوڙا، قوم پرستي زنده باد.

پاڻ سڀيئي گڏجي سڏجي، پنهنجو جوڙيون پاڻ نظام،
پنهنجي نجي هوئي حڪومت، شامل جنهن منجهه خاص ۽ عام،
هر جا پنهنجي هاڪ هجي ۽ هستي مستي زنده باد،
ڀيا سڀ نظريا ڪوڙا ڪوڙا، قوم پرستي زنده باد.

لاڙ سرو ۾ ڪاڇو وچو، ڪڇو پڪو مرڪي خوب،
ڍنڍون ڍورا ڀيلا ڀنيون، جهنگل جبل جرڪي خوب،
واهڻ واهڻ ويڙها رانديون، وستي وستي زنده باد،
ڀيا سڀ نظريا ڪوڙا ڪوڙا، قوم پرستي زنده باد.

جوڌا دودا سوڍا سگها، سوڀارا "سرويچ" جيئن،
جيڪي دنگن ننگن مٿان گهوري گهوري ڳاٽ ڏيئن،
جن جي قومي جذبي جي هر موج ۾ مستي زنده باد.
ڀيا سڀ نظريا ڪوڙا ڪوڙا قوم پرستي زنده باد.

◈





## معمار هاري مرحبا

اي محافظ ملڪ جا، معمار هاري مرحبا،
دل ٺري توکي ڏسي، دلدار هاري مرحبا.

توکي جايون جيءَ ۾ ڏيون، جلد جوڙي اي جناب،
توکي هيرن جا وجهون لک هار هاري مرحبا.

تنهنجي ڪوشش سان ڪٽڪون، تر، ڪمند، ڪيلا ملن،
تون ئي پوکين ٻاجهريون، مڱ، سار هاري مرحبا.

هر گهڙي "هر" تنهنجو، هيرا ٿو اپائي اي! حبيب،
ڪيميا جوڙي سنڌ ڪوڏار هاري مرحبا.

اي مجاهد مرد مانجهي، تنهنجي محنتن تان نثار،
ساهه سر "سرويچ" جو سئو بار هاري مرحبا.

◈

## واھ ڙي ماٺھون موتي داٽا

واھ ڙي ماٺھون موتيءَ داٽا، ھي سڀ ھيڏا تنھنجا ناٽا،
توکان مھانگا ميڙن ۾ ھا، اٺ وڪاٽا انڌا ڪاٽا.

اوير سوير واري وسڪي، تي تون ويٺين وڪجي يار،
يار وڪاٽين ڏاڍو سستو، ڪجھ تہ ڪرين ھا ماٽا ٽاٽا.

سنڌ امڙ جي ڌرتي تي اچ، سوئٽن جو آ وارو وار،
توکي چوسيل ھڏي گھرجي، گھوٽ قبولي ھليا گھاٽا.

جنرلن ڪي جي جي چئين ٿو، جھانگين سان ڪئي ڪيڏي جاڙ،
ٻاگھي ڪي تو ٻاري ٻاريو، دودي جي دل داٽا داٽا.

سنڌ جي نرمل نازڪ نياٽي، روپا ماڙيءَ واري راٽي،
لوئرن مھندان لچندي ٿي ويا، "شيرين" جا سنڌ ساٽا ساٽا.





پوبہ تو ڪو غور ڪيو ۽ غيرن سان پيو گھارين گڏ،
توکي سٽيا ڪاچ ڪپن، مان توکي خوب سجاٽا چاٽا.

توکي "پنھنجي" پورايو پئي، چاجي سنڌ ۽ قوم عوام،
سنڌ تہ اج پي ستجي ڪتجي، پو چو تنھنجا چپ سباٽا.

سپني واگھہ وڏيرن جي تون، اوطاقن تي الجھين روز،
ھر ھڪ ميجر ڪرنل وٽ ٿيا، تنھنجا ٿاڪ ٽڪاٽا ٽاٽا.

مال پرايا ميڙي تن جو، منھن پڪي سان ٿي ويئن مالڪ،
تو وٽ تنھنجون چيزون ٿوريون، شعر گھٽا چوراٽا راٽا.

ڪاري دور ۾ ڪارا ماٺھو، ڪارو پنھنجو منھن ڪيو ۽،
سارا قول قصيدا تنھنجا، ڪوڙين اگھہ اگھاٽا راٽا.

لوپي لوسي لٽجي ويندا، "سرويچن" سان سونھندي سنڌ،
ڪوپا پنھنجي قوت سان ئي، ٿيڙيندا سڀ ٿاٽا گھاٽا.

## ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون

وهواهه هي منهنجو وطن، چار ئي ڪنڊون جنهن جون چمن،
سو سو منجهس پوکون پچن، واهڻ وستيون جنهن جون وسن،
ماڻهو جتي جا محبتي، سورهيه سگهارا صحبتي،
سڀ مرد مايون محنتي، ۽ قول تن جا قيمتي،
ويهي رڳو واڪاڻجن، ڀيلا ڀنيون مهراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻ؟ي ڪنڌيون مهراڻ جون.

جت جيڏڙيون جنسار ڪن، ست ست رنگا سينگار ڪن،
هٿ منهن ڌوئي هسمار ڪن، تان گس گهٽيون گلزار ڪن،
جلوا ٿا پسجن جوبہ جو، سرهاٽيون پڻ سو بہ سو،
درشن ٿين جي دربدو، تہ جڻ ڪہ حورون هوبهو،
سبحانہ سبحانہ! سي سوڍيون مهراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

سرما وڃهي، ڏيئي ڦٽيون، پاٽيءَ پرڻ لئہ پد مٽيون،
گڏجيو هلن پنج ست ڄڻيون، هيڏن ڪنڌن سان ڪامٽيون،
ڪن ڪي نٿون، ڪن وينيڙا، سر تي سمورين سينهڙا،
گجرن ڀريا پاٽيءَ گهڙا، ڪن ڪڇ تي، ڪن ڀيلهڙا،
هو لاڏ مان لڏنديون اچن، ڏس لاڏليون مهراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

جي ٻوليون تن جون ٻرن، ٿا چنگ ڪر چالن چرن،
يا ساز ڪنهن تي هٿ سرن، يا روهہ تان برفون پرن،
يا گيت پيو ڪو ڳائجي، يا وائي پئي ورجائجي،





يا لهر پئي ٽڪرائجي، يا ڪنوار پئي پرڻائجي،
يا چيٽ ۾ چڻ پڻ ٿيون ڪن، ڪي چاڳليون مهراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

خوش ٿي ڪٿيريون ڪلن، تان ماڻڪن جا مڻ ملن،
جي ٽول پائي ٿيون ٽلن، تان ساڙ ۾ ڏيلون جلن،
هو سنڌ تان گهوريو گهمن، ۽ ملڪ جي مٿي چمن،
هو سنڌ جي خاطر جيئن، ۽ سنڌ جي خاطر ڄمن،
شل جيئنديون ٻئي جڳ رهن، هي جوڙيون مهراڻ جون،
جنت الفدوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

ڳيرو اُچن ڳاٽن سان جت، ڌوٽي اپن ڏاٽن سان جت،
گهوٽيا گهمن گهاٽن سان جت، ۽ گوُٽ گهوٻاٽن سان جت،
اوڍيو گهمن سي اجرڪون، ٽوپين تي موتي ۽ ٽڪون،
ڇا ٻت بدن جون ٻيهڪون، ٿا سونهن جون لاهن سڪون،
اهڙا ٻچا اڄ ڀي ڄڻين، اڪثر آميون مهگراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

جن جا جري ۽ جواڻ پٽ، ڳاڙها جيها حلواڻ پٽ،
رانديون ڪڏن رت ساڻ پٽ، ”سرويچ“ پٽ سرواڻ پٽ،
هڪ هڪ سندا هيڏا جگر، هڪ هڪ ڇڏي ٽوڙي ٽڪر،
هڪ هڪ اٿيئي سيني سپر، هڪ هڪ ڪري ڇيهون ڇپر،
هڪ هڪ سنديءَ مستيءَ ۾، ڏس مستيون مهراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

## بيشڪ بهادر عورتون

هن سنڌ جون سورهيه سدا، بيشڪ بهادر عورتون،
علم و ادب واريون اُهي، عاقل آڪابر عورتون.

هر دور ۾ دودي جيئان، سي ديس سان ڪن دوستي،
هي سيرت وصورت پريون، صالح ۽ صابر عورتون.

تاريخ ۽ تهذيب ۾، آهي سندن ورثو وڏو،
سونهن ۽ ثقافت کي تہ سچ، ڪن ٿيون اجاگر عورتون.

هر دم وطن جي حب ۾، مهراڻ جيئن مستان سي،
ناموس نيڪي ننگ ۾، نت نت نشانبر عورتون،

قومي ڪمن ۾ ڪامڙيون، قربان پنهنجا ڪنڌ ڪن،
هر معرڪو مردن جيئان، سر ڪن سراسر عورتون.



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

جت جان جي بازي لڳي، ات شان سان شينهن مثل،
بي خوف ٿي ميدان ۾، بيهن برابر عورتون.

هر هڪ ڏکئي ڏينهن تي اُهي، پائن سان پيچي پيچ ٿي،
پنهنجون سسيون ساٿيهہ مٿان، ڪن ٿيون نڇاور عورتون.

جيڪو بہ ميري اک ڪڍي، ٿو ماڳ مارن جا تڪي،
ان جا چڪي تارا ڪڍين، دم ۾ دلاور عورتون.

ماضي ڪَ توڙي حال ۾، تن جي هڪل ۽ هاڪ ا،
قيدن نہ ڪوٺن ڪان ڪنبن، ڪنهن پر قد آورن عورتون.

سي سپ سندم جيڏيون جيئن ۽ "سرويچ" فاتح ٿين،
جيڪي وطن ۽ قوم جون، آهن ثناگر عورتون.

◈

# آڪاش انصاري







## مان هليو ڇو ويس؟

تون پُڇين ٿو پرين!
مان هليو ڇو ويس؟
جڏهن شام جو جَام
خالي نہ هو،
رات رم جهم هُئي،
تنهنجي سَاهن جي،
جهيڻن سُرن سان سُتل،
منهنجي بستر تي،
منڪر ڪا موسم هئي،
تنهنجي ڪجلين اکين جي،
ڪنارن مٿي،
منهنجي ڇپڙن جي پيڙي،
لڳي ئي لڳي،
ها! انهيءَ ڪان اڳي،
مان هليو ڇو ويس؟
سچ پُڇين او پرين!
دل بہ چاهيو گهڻو،
ڪا گهڙي تنهنجي،وارن جي ڪارين گهٽائن منجهان،
واس وٺندو رهان!
پن گهڙين لئہ سهي،
تنهنجي آغوش جي سانوري شام ۾،
ڪنهن روپوش پياسي مسافر جيان،
مان پناهون وٺان،
ڪن پل ئي سهي،
ٽڪ ٽورو پيچان،

49

دل تہ چاهيو گهڻو،
تنهنجي نيڻن جون،
نرمل هي چانڊوڪيون،
سدا مست نينڊون نياپا کڻي،
روح جي رڻ مٿان،
ائين رقصان رهن،
دل تہ چاهيو گهڻو،
تنهنجي ٻانهن جون ڪچڙيون،
۽ ڪومل وليون،
سُونهن سرهاڻ جا،
سئو سنديسا کڻي،
منهنجي تن تي سدا،
ائين وڪريل رهن،
ها مگر ڇا ڪريون،
تنهنجي ڪا ڪُل جي قيدي،
ٿيڻ کان اڳي ،
قيد خان ۾ ڪائي ڪشش هئي پرين!
جيڪا ويئي ڇڪي،
دل تہ ماڻڻ گهريون،
تنهنجون سڀ دلبريون،
ها مگر ڇا ڪريون،
دار جي درد کي،
پنهنجي لذت هئي،
جيڪا ويئي ڇڪي،
تون پُڇين ٿو پرين!
مان هليو ڇو ويس؟

◈





# اسان جي مئاسين

اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي!
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍَاٿي،

اسان جو جڏهن خون خوشبو ٿي ايندو،
تہ ويڙها وطن جا بہ وَاسي ڇڏيندو،
جڏهين ٻارڙي ڪنهن، ڪئي ٻولي ٻاتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٿي.

اسان جون هي ٻانهون، اسان جون نگاهون،
ازل کان لوچين ٿيون، اهڙيون راهون،
انهيءَ ڪرت ۾ جي ڪُسي وياسين ڪاتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٿي.

جڏهن منهنجا جهانگي، نہ جهوريءَ ۾ جُهرندا،
ٻَري ۾ نہ ٻڪرار جا ٻار ٻرندا،
سُڪي سڪٽي ٿيندي نہ جيجل جي ڇاتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٿي.

جڏهن وڏ ڦڙو ڪو ولهارن تي وسندو،
مٿان پار ڪر جي پنو هارن تي وسندو،
نہ رهندي ڪا مارئي، مارن لاءِ آتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٿي.

◈

## بند اکڙين منجهان

ياد گيرين جا سيلاب ايندا رهيا،
بند اکڙين منجهان، بند ڀڄندا رهيا.
چنڊ چٽرون ڪيون،
دل جي تنهائي تي،
تنهنجي آڪاش جي،
هن اڪيلائي تي،
طنز سان روز تا رات ڪيندا رهيا،
ياد گيرين جا سيلاب ايندا رهيا.
وقت! تنهنجو هي ورتاءُ،
واجب نہ هو،
گهايلن تي نئون گهاءُ،
واجب نہ هو،
وک وک تي وڇوڙا ويڙيندا رهيا،
يادگيرين جا سيلاب ايندا رهيا.
نيڻ نينڊون هيا،
ويڻ وٽندا هيا،
تنهنجي چڙين منجهان،
ڦول ڇٽندا هيا،
ها! مگر اڄ اهي وقت ويندا رهيا،
ياد گيرين جا سيلاب ايندا رهيا.





## شل انهيءَ ڪان اڳي

ديس پنهنجي مان ڏاريا ٿي ڏڪجي وڃون،
پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ لئہ سڪجي وڃون،
يا فلسطينين جيئن ڦر جي وڃون،
شل انهيءِ ڪان اڳي ڪاش وڙهندي مَرون،

پنهنجي ڏاڏاڻي قبرن مٿان هٿ کڻون،
پنهنجي وڏڙن جي هڏڙن مٿان هٿ کڻون،
يا ڀتائي جي سڏڙن مٿان هٿ کڻون!
پنهنجي تاريخ جي منهن تي ڪارنهن مَليون،
شل انهيءَ ڪان اڳي ڪاش وڙهندي مَرون.

ڪيئن ڪارونجهر ۽ ڪاڇي مٿان هٿ کڻون،
ڪيئن ڪينجهر ڪراچيءَ مٿان هٿ کڻون،
پنهنجي نوري تماچي مٿان هٿ کڻون.
۽ وڏيرن جيان سنڌ وڪڻي ڇڏيون!!؟
شل انهيءَ ڪان اڳي ڪاش وڙهندي مَرون.

پنهنجا ايندڙ نسل دربدر ٿي رُلن،
ذلتن ساڻ ڪيمپن ۾ پلبا رهن،
پنهنجي وڏڙن تي لعنت ملامت وجهن،
مارئي جي وطن جا مياري ٿيون؟!
شل انهيءَ ڪان اڳي ڪاش وڙهندي مرون.

## رڳو ٿر جي صحراتي...

مجون ٿا،
اسان جون زبانون بہ پاڙان پٽائي سگهو ٿا،
اسان جا سپئي،
درد، ورلاپ سڏڪا،
گفتا ۽ ڳالهيون،
رکي وات تي هٿ، دٻائي سگهون ٿا،
مجون ٿا او ماري!
ڪارونجهر مٿان جي،
ڪئي ڪُٽڪ ڪونجن،
انهن جا پڙاڏا ۽ ڪٽڪات ڪُوڪون،
رڳو ٿر جي صحرا ۾،
ٿورو بہ گونجن،
ها مجون ٿا،
ٻچي بازبحري انهن تي،
انهن جو بہ پک پک پٽائي سگهو ٿا،
مگر منهنجا سائين!
پلاتن جي گونجن کي گهائي سگهو ٿا؟
لڳايو پلي،
جي پڙاڏن تي پهرا لڳائي سگهو ٿا...؟





## جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا

جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا،
هن پونءِ سڄيءَ جا پاڳيا،
پوءِ سور نہ رهندا ساڳيا،
ڪندا جي مست قلندر،
دما دم مست قلندر،

بيراڳين جي پونءِ مٿي ڪا، باهہ پلي پئي پڙڪي،
هن ننگريءَ سان نينهن اسان جو، ننگري ناهہ نڌڻڪي،
سرمد جي سُنت پارڻ لئہ مارو ايندا مُرڪي،
ڪندا سڀ مست قلندر، دمادم مست قلندر،

منهنجا مست ملنگ هي مارو، ڏونگر ڪان پيي ڏاڍا،
نير نئين ڪا چيز نہ آهي نہ ڪي ڪڙول ۽ ڪنتا،
ڪفني پائي ڪلهن ۾ ايندا، اجرڪ جي سا اوڍا،
ڪندا سڀ مست قلندر، دمادم مست قلندر.

تون ”آڪاش“ اياڻو آهين دَر در تي ٿو دانهين،
چو نہ اجان تائين تون پنهنجي ٻانهن ۾ ٻَل پائين.
نيٺ پڇاڙي ٿيڻي آهي، سُورن جي او سائين!
ڪندا جي مست قلندر، دمادم مست قلندر.

52

## اڌورا، اڌورا

اسين بس رهياسين اڌورا، اڌورا،
نڪي عشق، آتش، فشان ٿي اُپاميو،
نہ ئي ديپ دل مان، اوهان جو اُجهاميو،
نہ سورن جي شدت ڪان، شعلو ٻڻياسين،
نہ سگريٽ جو ڪو، ڦُلو ٿي چڻياسين،
ڌُکياسين، جلياسين، اڌورا، اڌورا،
اسين بس رهياسين، اڌورا، اڌورا.

ڌُکن سان بہ دل، پنهنجو رشتو نہ ناهيو،
سُکن ۾ بہ من ڪي، سڪون ڪين آيو،
کلياسين تہ خلقت جي، دردن ٿي روڪيو،
رُناسين تہ دنيا جي، نظرن تي ٽوڪيو،
نہ خوش ٿي کلياسين، نہ رڄ ٿي رناسين،
رُناسين، کلياسين، اڌورا، اڌورا،
اسين بس رهياسين اڌورا، اڌورا.





ڦاهي جا ڦندا، چُمڻ کان بہ وياسين،
۽ دنيا جا ڏنڊا، کڙڻ کان بہ وياسين،
نہ تون ئي ملين ۽ نہ ڪنهن جا ٿياسين،
هِتان کان بہ وياسين، هُتان کان بہ وياسين،
مَرڻ جي مزي کان بہ محروم ٿياسين،
۽ جيئندا رهياسين، آڌورا، آڌورا،
اسين بس رهياسين اُڌورا، آڌورا.

ٿي تارِڪ هي دنيا، نہ تياڳي سگهياسين،
جهان جو بہ جهنجٽ، نہ جهاڳي سگهياسين،
عمر اڌ، اڌ ڪٽ، عبادت ۾ ويئي،
۽ باقي، بُتن کان، بغاوت ۾ ويئي،
خدا پي نہ مليو، نہ ان جي خدائي،
او آڪاش! جندڙي ائين وئي اجائي،
۽ ڳولا جي رڻ م رُلياسين اڌورا،
اسين بس رهياسين، اڌورا، اڌورا.

◈

## وقت جي چيچ ۾ زندگيءَ جو ڇلو

وقت جي چيچ ۾، زندگيءَ جو ڇَلو،
پيو ٿئي گهر گهلو، يار جلدي ملو.

جيءُ جبروت جنمن کان ويران آ،
ساهه، ساميئڙو مڙيئي مهمان آ،
ترسندو ڪيسيتائين پيلا قافلو؟
يار جلدي ملو!

توسان چاهت ۽ چرپر بہ گهٽبا وڃن،
دل جا آرا ۽ ارپڻ بہ گهٽبا وڃن.
۽ وڇوڙن ۾ ناهي رهيو وِلولو،
يار جلدي ملو!

تنهنجي آڪاش سان، وَرهہ وَر ڇيو وڃي،
۽ ڪڏهن پَل اندر، پاڻ پرچيو وڃي،
دل هي سمجهي نہ ٿي درد آ داد لو،
يار جلدي ملو!
يار جلدي ملو!

◈





## جڏهن بہ توکي وسار چاهيم

جڏهين بہ،
توکي وسارڻ چاهيم!
تنهنجي هر ياد،
سُڪل پير جي ٽاريءَ وانگر،
ذهن ۽ روح جي ريشم سان وچڙي پئي آ،
منهنجي دل،
مون سان وڙهي پيئي آ،
جڏهن، بہ، توکي وسارڻ چاهيم،
تنهنجي هر ياد،
ڪنهن ڏاج جي جوڙي ۾ رچيل،
سدا ملوڪ، شوخ شرميلي،
خمار گاڏهين خوشبوءِ وانگر،
چوطرف من ٽڙي پيئي آ،
منهنجي دل،
مون سان وڙهي پيئي آ،
جڏهن بہ
توکي وسارڻ چاهيم،
تنهنجي هر ياد
ڪينسر جي وارڊ ۾
لادوا مريض جيان،
دلا سڙن جي دوائن تي ڏتاريل دلڙي،
پنهنجي ويڃن سان وڙهي پيئي آ،
منهنجي دل
مون سان وڙهي پيئي آ،
جڏهن بہ توکي وسارڻ چاهيم

◈

## جلا وطن

پٽڪي پنهنجو ڏگ وڃي، جيئن ڪو پکيئڙو منجهہ گگن،
نہ جنهن جو ڪوئي آهيرو، نہ آشيانو ۽ چَمن،
مان بہ پنهنجي ديس ۾، آهيان اڪيلو اوپرو،
جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن.

روز ٿو زهر پيان، مَران جيان، جيان مَران،
جڻ ڪلاچيءَ ڪن ۾، ٻُڏان تران، ٻُڏان تران،
ياديون جي ديپ جيئن، اُجهان ٻران، اُجهان ٻران،
جڻ صليب تي ٽنگيل، ڪو سرد هجان مان بدن،
جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن.

نہ منهنجو جڻ هي ماڳ آ، نہ جڻ منهنجو مڪان آ،
نہ منهنجي جڻ هي نگري آ، نہ منهنجو آستان آ،
نہ منهنجي جڻ هي ڌرتي آ، نہ منهنجو آسمان آ،
جڻ هجان تاريخ جي، مان لاش جو ميرو ڪفن،
جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن.

جا مرڪ مون کان وئي کسي، تنهن مُرڪ جو آهي قسم،
مان رَت رُنس جو ظالمو! تنهن لڙڪ جو اهي قسم،
جيجل جي منڙيءَ تڇ جي هر سُرڪ جو آهي قسم،
پلئہ ڪندس، پلئہ ڪندس، اي وقت! توسان آ وچن،
مان ڪيئن رهان جلا وطن، مان ڪيئن رهان جلا وطن.

◈





## جڏهن ڪنهن بہ بادل

جڏهن ڪنهن بہ بادل، ولهاريون وسايون،
الئہ ڇو اوهان جو، اڪيون ياد آيون،
جڏهين چنڊ چئوڏس ڪيون چلو لايون،
الئہ ڇو اوهان جون اڪيون ياد آيون.

جڏهن ڪنهن بہ ڪوئل اسر ويل ڳايو،
تڏهن ولهہ ويتر وڇوڙو وڌايو،
جڏهن ماڪ مڪڙيون ڀنيءَ جو پڇايون،
الئہ ڇو اوهان جون اڪيون ياد آيون.

جڏهين ڪيت ۾ ٻاجهرين سنگ واريا،
جڏهين چيٽ ۾ ڦول ڇانيي ڦلاريا،
جڏهين ٿر تي مورن ڪي ٻوليون ٻُرايون،
الئہ ڇو اوهان جون اڪيون ياد آيون.

جڏهين تو سان نيڻن جو ناتو ڇنو هو،
تڏهين ڏور آڪاش ڪيڏو رنو هو،
جڏهين جيءُ جهورڻ هي آيون جُدايون،
الئہ ڇو اوهان جون اڪيون ياد آيون.

◈

## تون تہ بي درد بي قدر آهين

تـون تـہ بـي درد، بـيـقـدر آهـيـن!
جـيءَ ۾ پـوءِ بـہ، جـلـوه گـر آهـيـن.

زنـدگـيءَ جـي ذلـيـل گـهـڙيـن ۾،
ضـيـاءَ جـي مـوت جـي خـبـر آهـيـن.

منهنجي هوندي بہ تون منهنجو ناهين،
تـون بـہ ڄـڻ سـنـڌ جـو شـهـر آهـيـن.

ٿو پُڇين حال! ”ڪيئن پئي گذري“؟
ڪـيـڏو سـادو، ۽ بـي خـبـر آهـيـن.





## مٽي جي خوشبوءِ

جـنـهـن نـہ مـٽـيءَجـي خـوشـبـوءِ کـي ڄـاتـو هـتـي،
جـنـهـن نـہ سـانـگـيـن جـي سـڱ کـي سُـڃـاتـو هـتـي،
تـنـهـن سـان ڪـهـڙو پـلا مـنـهـنـجـو نـاتـو هـتـي؟
تنهن کي چئو! منهنجي نگري مان نڪري وڃي.

جـو نـہ اجـرڪ جـي عـظـمـت جـو قـائـل هـجـي،
مـنـهـنـجـي ٻـولـي ڏي جـيـڪـو نـہ مـائـل هـجـي،
ذهـن جـنـهـن جـو اجـان پـي ورهـايـل هـجـي،
تنهن کي چئو! منهنجي نگري مان نڪري وڃي،
جنهن سنگينن سان سانگين جا سينا چٿيا،
ڄـڻ مـحـبـت جـا مـڪـا مـديـنـا چـٿـيـا،
عشـق عـرفـان جـا آبـگـيـنـا چـٿـيـا،
تنهن کي چئو! منهنجي نگري مان نڪري وڃي.

جـنـهـن جـي اک مـارو ئـڙن ڏانـهـن مـيـري هـجـي،
جـيـڪـو وانـگـيـن جـي ٻـچـڙن جـو ويـري هـجـي،
جـيـڪـو جـلاد، قـاتـل ۽ قـهـري هـجـي،
تنهن کي چئو، منهنجي نگري مان نڪري وڃي.
جـيـڪـو لاٽـن لـيـارن سـان نـفـرت ڪـري،
منهنجي پورهيت پنهوارن سان نفرت ڪري،
درد ونـد ديـس وارن سـان نـفـرت ڪـري،
تنهن کي چئو! منهنجي نگري مان نڪري وڃي.

## چنڊ چئي ويو لهي

تون ايندين! تون ايندين!
ايندين ايندين، تون ايندين ضرور.
تون ئي چئو او پرين!
ڪيسين رهندين ڀلا دور دور!
چنڊ چئي ويو لهي،
هو نہ ايندو ڪڏهين ڀي ڪهي،
مان بہ سمجهان پيو،
چنڊ مون کي چيو آ صحيح،
پر، چري! دل چري!
سامجي ڪين ٿي مون کي مور.
جنهن وساري ڇڏيو،
ساهہ تنهن کي ٿا سارين گهڻو.
جو نهاري نہ ٿو،
نيڻ تنهن ڏي نهارين گهڻو،
جو وڻيو! تنهن نہ وڻون!
دل جو ڪهڙو آهي دستور؟
وئي حياتي هلي،
آس آڪاش، پر نہ پلي،
توريءَ گذري گهڙي،
سا گهڙي مون گذاري جَلي،
هڪ دفعو اچ هلي،
پوءِ مون کي مَرڻ منظور،
تون ايندين،
تون ايندين
ايندين ايندين
تون ايندين ضرور.





◈

# اڙي دل!!

اڙي دل!
اڙي دل!
ايڏي بہ پاڳل؟
رڳو ناهي تنهنجي
وفائن جفائن جي
ماتم ڪدن ۾ هي محشر متل
ڏسين چو نہ ٿي سارو ساڍيھ صدين کان
آهي سُتل،
ڪسابن ڪان،
ساري ڪڙم جي ڪنن ۾ ڪپھ آ پيل
اچ انهن ڏي هلون!
جن جو ناهي ڪڏهين ڏور، چلڙو، جمالو،
همرچو پڏل،
جن جا سپ گهيتڙا،
گهنڊنين لئہ سڪيل،
اچ انهن ڏي هلون!
جن جو ناهي ڪڏهين،
چيٽ جي چنڊ جو گيت پهريون چيل،
جن جا سپ ڪيٽ ۾ چيٽ
وڪجي ويل،
اچ انهن ڏي هلون،
جن جي پڪڙن پهين تي،
وٿاڻن وهين تي،
ڏريان ئي ڏڏڙ ڏوڙ آهي جميل،







پنهنجي تاريخ ڪان پڻ اوناها ڍڪيل،
جن جي لاٽن لين تي،
۽ ڪپڙن کهين تي،
ڏارين اُنن جا، سوين ڏڻ پليل،
جن تي ناهي بهارن جو پاڇو پيل،
هل انهن ڏي بہ هل!
جيڪي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ڌاريان
ٿيل،
ضميرن تي پڻ جن جي ڏاڙا لڳل
رڳو بهشت جي آسرن تي پليل،
اڙي دل، اڙي دل!
انهن ڏي بہ هل!
جن جي نيڻن ۾ ناهي ڪو سپنو سجيل،
جن لئہ ميگها جي رت ڪي منع آ ٿيل،
جن جا سپ پاڳ،
ڪاهوءَ جيان اُجڙيل
جن جو هر ماڳ،
رڻ ڪڇ جو صحرا تتل،
هل انهن ڏي بہ هل،
جن جي نيڻن جي مڪليءَ جي مدفون ۾،
رڳو چند آسن جا لاشا ڍڪيل
جن تي
دردن ۽ سورن جا ڪتاب لکيل
اچ انهن ڏي هلون،
جن جا ”چُپ“ سان چپڙا بہ آهن سبيل،
جن جي واتن مٿي


ماڻ مهرون لڳل
جن جا سپ قافلا
رهنما جي ڦريل، رهبرن جا لُٽيل،
جن لاءِ منزلون مام بنجي ويل
اڙي دل!
اڙي دل!
انهن ڏي به هل!
وقت ويريءَ هٿان
جن جا چهرا ڇَماٽن سان آهن ڇٽيل،
جن تي آهن اجان
جن تي آهن اجان
سونهن سچ جي شهادت جا منظر ڇٽيل،
اڙي دل!
اڙي دل!
ايڏي به پاڳل!
ڏسين ڇو نه ٿي؟
لوڪ سارو اٿئي،
وڪ وڪ تي وڇيل!
ڪو آ قربن ڪٺو،
ڪو آ ڪاتيءَ ڪُٺل،
رڳو ناهي تنهنجي،
وفائن جفائن جي
ماتم ڪدن ۾ هي محشر متل.

◈





# آزاد انور ڪانڌڙو



# جاکوڙي اديب ، محقق ۽ شاعر

ميهڙ جي مٽي علمي ، ادبي حوالي سان هڪ زرخيز خطي طور مشهور آهي . ميهڙ جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ شخصيتن سنڌ جي ادبي ، علمي ،صحافتي ، سياسي تاريخ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري پاڻ ملهايو ۽ مڃايو آهي.آزاد انور ڪانڌڙي سنڌ جو نوجوان باصلاحيت،جاکوڙي اديب ،محقق ،شاعر ۽ صحافي آهي . آزاد انور ڪانڌڙو جو جنم ميهڙ ڀرسان ڳوٺ احمد خان ڪانڌڙو ۾ معزز شخصيت محمد هاشم ڪانڌڙي جي گهر ۾ 6 مارچ 1980 ۾ ٿيو . بي اي ، ايم اي پاس آزاد انور ڪانڌڙو لکڻ جي شروعات پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ دوران ڪئي ۽ ٻارڙن جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٻارڙن جي صفحن ۾ لکڻ سان ڪئي . سندس تحقيقي ، تنقيدي ،مختلف شخصتن جي ادبي خدمتن بابت اٽڪل 200 مضمون ،مقالا مختلف رسالن مهراڻ ،نئين زندگي، عبرت مئگزين ڪينجهر،سوجهرو، امرتا، ڪاوش دنيا ۽ ٻين ۾ ڇپيل آهن. سندس ڪيترائي مضمون ڪالم ۽ تاثر سنڌ جي سمورين اخبارن ۾ مختلف وقتن تي شايع ٿيندا رهن ٿا.هن ڪيترائي مضمون ۽ شعر ترجمو پڻ ڪيا آهن.

آزاد انور ڪانڌڙو نہ صرف نوجوان اديب ، ليڪ، محقق ۽ شاعر آهي پر هو جاکوڙي ۽ متحرڪ ادبي ورڪر بہ آهي . سنڌي ادبي سنگت سان گذريل ڪيترن سالن کان وابستہ آهي . سنڌي ادبي سنگت ميهڙ جو باني ، سيڪريٽري ۽ ڪائونسلر رهيو آهي ۽ پاڻ سنڌي ادبي سنگت مرڪز جو 1994 کان 1996 تائين مرڪزي آڊيٽر ، 2001 کان 2004 تائين مرڪزي خزانچي رهيو آهي. نامياري شاعر مختار ملڪ جي سيڪريٽري جنرل جي دور ۾ 1999 کان 2001 ۽ ناميازي اديب تاج جويي جي سيڪريٽري جنرل شپ ۾ 2004 کان 2006 دوران مرڪزي پريس ترجمان بہ رهيو آهي.

ناميازي شاعر ،اديب ڊاڪٽر ادل سومري هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "

آزاد انور ڪانڌڙو،سنڌ جي انهن ٿورن نوجوانن مان آهي جن ننڍي عمر ۾ وڏين ذميوارين کي نڀايو آهي. هو سنڌي ادبي سنگت جي هڪ ڪارڪن جي روپ ۾ متعارف ٿيو ۽ ٿوري عرصي ۾ پنهنجي اڻٿڪ محنت ۽ تنظيمي صلاحيتن سبب سنگت جو مرڪزي اڳواڻ چونڊجي ويو . اهڙي طرح سنگت جي سڀ کان ننڍي عمر جي مرڪزي اڳواڻ وارو اعزاز سندس حصي ۾ آيو. هن وقت سندس سڄاڻپ جا ٽي حوالا آهن ، سنڌي ادبي سنگت جو جاکوڙي ڪارڪن، برجستو ليک ۽ سڄاڻ صحافي. سندس انهيءَ سڄاڻپ ، جتي هن





جي دوستن کي سرهائي ڏني آهي، اتي هن سان حسد ڪرڻ وارن کي توائيون بہ ڏنيون آهن.حاسدن کي اعتراض آهي تہ هو ايترو تيزيءَ سان اڳتي ڇو وڌي آيو آهي.بحرحال انور ڪانڌڙي کي اهڙن حاسدن جي ڪا بہ پرواهہ ناهي .ڇو تہ هو بردبار ۽ آزاد آهي."

آزاد انور ڪانڌڙي جي ترتيب ڏنل ۽ ڇپيل ڪتابن ۾

- ڌرتيءَ جو شهيد سميع الله ڪلهوڙو (2005ع)
- اعجاز علي جتوئي محبِ وطن سياستدان (2006ع)
- سمي صحرا سمي دريا (استاد بخاريءَ جو نثر 2007ع)
- سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون ( ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جا مضمون 2008ع)
- مولانا گراميءَ جون تحريرون (2009ع)
- استاد بخاري فن ۽ شخصيت (2010ع)
- مگر تون مان نہ هونداسين (سائين اسحاق راهيءَ جي شاعري 2011ع)
- شهيدِ سنڌ بشير خان قريشي (2012ع)
- سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر (2012ع)
- ايڪتا شاعري (2013ع)
- هو سڙيا سنڌ جي سلسلي ۾ هيا ( شهيد مقصود خان قريشي ۽ شهيد سلمان وڌو بابت) (2014ع)
- سڄڻ سفر هليا ( عبدالڪبير "اختر" بروهي بابت) ( 2015ع) شامل آهن.

ناميازي اديب ،دانشور تاج جويي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "اسان جي پياري دوست آزاد انور ڪانڌري تازو بہ اهڙا ڪتاب ترتيب ڏنا آهن، جيڪي سندس سنڌ دوستيءَ ، سچائيءَ ۽ ڌرتيءَ سان سچي نسبت جو ثبوت آهن.هڪ ڌرتيءَ جو شهيد ( شهيد سميع الله ڪلهوڙي بابت)۽ ٻيو اعجاز جتوئي محب وطن سياستدان" .

سنڌ جي قومي ۽ عوامي شاعر استاد بخاريءَ جي فرزند ڊاڪٽر الطاف بخاري ڪتاب سمي صحرا سمي دريا ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ " هي ڪتاب سمي صحرا سمي دريا اسان جي پياري ادبي، علمي جاکوڙي دوست محترم آزاد انور ڪانڌڙي جي اڻٿڪ محنتن جو ثمر آهي،جنهن محنت ڪري محبت سان استاد جون هي نثري لکتون هڪ هنڌ سهيڙي ،ڪتابي صورت ۾ آڻي ،تمام بهتر ۽ ساراهہ جوڳو ڪم ڪيو آهي. اسين آزاد انور جي هن ڪاوشن کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿا سگهون اسين سندس علمي جذبي

جو قدر ڪريون ته ۽ سنڌس لاءِ هميشه دعاگو آهيون.“

سنڌ جي برک محقق، اديب ڊاڪٽر محمد لائق زرداري تازو 16 جنوري 2013ع تي دادو ۾ استاد بخاري جي سالگرهه تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو هو ته ”آزاد انور ڪانڌڙي استاد بخاريءَ بابت به ڪتاب استاد بخاري فن ۽ شخصيت ۽ سمي صحرا سمي دريا ترتيب ڏئي وڏو ڪم ڪيو آهي اسان ڪيس بلاول انسٽيوٽ پاران ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏينداسين“ .

آزاد انور ڪانڌڙي کي اهو اعزاز حاصل آهي ته سندس ترتيب ڏنل ڪتابن سمي صحرا سمي دريا (استاد بخاريءَ جو نثر)، ڌرتيءَ جو شهيد سميع الله ڪلهوڙو، اعجاز علي جتوئي محبِ وطن سياستدان جا مهاڳ سنڌ جي برک دانشورن ،اديبن سائين محمد ابراهيم جويي، عبدالواحد آريسر ۽ تاج جويي لکيا آهن ۽ سندس ترتيب ڏنل ڪتاب سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جا مضمون)، مولانا گراميءَ جون تحريرون، استاد بخاري فن ۽ شخصيت، سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر ڪتاب سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ ثقافت کاتي جهڙن مشهور ادارن ڇپرايا آهن.

جڏهن ته سندس 4 ڪتاب .(1) سنڌ جون تاريخ ساز شخصيتون (تحقيق۽ تاريخ) (2) ميهڙ مٽيادار( تحقيق۽ تاريخ) (3) مولانا گراميءَ جون تحريرون (حصو ٻيو) (4) شيخ اياز ـــ سنڌ جو آواز ( تخليق ،تحقيق۽ تاريخ) ڇپائيءَ هيٺ آهن .

آزاد انور ڪانڌڙو سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ جي پليٽ فارم تان ميهڙ جائي نامياري شاعر گورڌن شرما گهايل جو ڪتاب .....۽ مان سنڌ پهچي ويس ،نامياري شاعر ورند واڏيو جو سائين جوهر بروهيءَ پاران ترتيب ڏنل ڪتاب ورند جو ڪلام، نامياري شاعر جوهر بروهيءَ جو پهريون شعري مجموعو ڪاڇي پئي ڪوڪ، مرد قلندر، گل ڦل گيت ۽ ٻيا ڪتاب به ڇپرايا آهن، جيڪو به سندس مثالي ڪم آهي.

هو مختلف اشاعتي ادارن سان به وابسته رهيو آهي.سنگت پبليڪيشن جي ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبر طور 2001 ڪان 2003 ۽ 2004 ڪان 2006، ترقي پسند رسالي ماهوار ساڃاهه جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ 1994 ڪان 1998، سنڌ جو آواز پبليڪيشن جو 1997 ڪان 2007 تائين اعزازي ايڊيٽر، ميهڙ جو آواز جو 2000 ڪان 2012 تائين اعزازي ايڊيٽر به رهيو آهي.

جڏهن ته ڪيس ادبي خدمتن، تحقيقي ،تخليقي ۽ قلمي پورهيي تي



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

ڪيترا ئي ايوارڊ مليل آهن، جن ۾

- ڪينجهر ترجمو ايوارڊ 1994.
- سنڌي ادبي سنگت مرڪز سرٽيفڪيٽ 1997
- سنڌي ادبي سنگت مرڪز شيلڊ 1997
- سنڌي ادبي سنگت شاخ ڦلجي ايوارڊ 1998.
- سنڌي ادبي سنگت شيلڊ 2000.
- صوفي شاهه عنايت شهيد سنگت فريدآباد ايوارڊ 2002.
- جشن ميهڙ ايوارڊ 2004.
- خان محمد پنهور ايوارڊ 2004ع.
- سنڌي ادبي سنگت ضلعو دادو ايوارڊ 2005- 2004.
- سنڌ براهوئي ويلفيئر ايوارڊ 2005.
- آثار قديمه تحقيق ايوارڊ 2007.
- ميان نصير محمد ڪلهوڙو ايوارڊ 2006.
- سنڌ جرنلسٽ فائونڊيشن ايوارڊ 2010.
- قلندر لعل شهباز شيلڊ 2012.
- شهيد سنڌ بشير خان قريشي ايوارڊ 2012.
- سنگت ميهڙ شاعر ايوارڊ 2014 .
- مولانا محمد فاضل درخاني براهوئي ايوارڊ 2014ع.
- استاد بخاري ايوارڊ 2015ع.
- شهيد نظير عباسي ايوارڊ 2015.
- جمال ابڙو تحقيق ۽ تصنيف ايوارڊ 2015 .
- دادن فقير ايوارڊ 2016 .
- جشن لطيف قمبر شاعري ۽ نثر ايوارڊ 2016 .

## سنڌ منهنجي امان

ساهه صدقي ڪيان سنڌ ڌرتيءَ مٿان.
وک اڳتي وڌان پنڌ ڪهڙا پڇان.

وقت آيو آ ويهي نه رهبو ڪٿي،
ڇا به ٿئي سنڌ خاطر مران يا جيان.

ماٺ ڪرڻي نه آ سنڌ مرڻي نه آ،
سنڌ ڪان ڪيئن پيلا ساهه سانڍي رکان.

دل چوي ٿي ته او سنڌ منهنجي امڙ،
نڪري نروار ٿي تنهنجو نعرو هڻان.

اي پيتائي ، سچل ۽ عنايت جي ڌرتي،
نه جهڪبو ڪڏهن تنهنجي دشمن اڳيان.

هتي هرڪو تولئه مرڻ ٿو گهري،
پيلا ڪنهن جا ڪنهن جا مان نالا ڪڍان.

قسم موج مهراڻ جيءَ جو اٿم،
آهيان تنهنجو پچو سنڌ منهنجي امان.

دودي ، هوشو ۽ هيموںءَ جي صورت وٺي،
توکي "آزاد" جيجل ڪرڻ ٿو گهران.

◈





## چار ڊسمبر واري ڏهاڙي

"علي قاضي" جو سڏ ٿيو
سنڌي سيئي گڏ ٿيو
ڪاوش ، ڪي ٿي اين سڏي
ايڪتا قومي ڏينهن اڏي
ٽوپي اجرڪ سونهن به پنهنجي
سنڌي ٻولي ورونهن به پنهنجي
پنهنجي ثقافت ساڻ محبت
وطن پرستي آهي عبادت

ايڪتا ڏهاڙي گڏجو سيئي
روشن رستو وٺجو سيئي
ديس جي امن ۽ خوشحالي لئه
چار ڊسمبر واري ڏهاڙي
قومي ڪاڄ ۾ اچجو سيئي
ايڪتا ڏهاڙي گڏجو سيئي.

◈

## اڇي درياهہ ۾ پاڻي

جڏهن موج سان وهندو
وڏي گجگوڙ سان درياهہ
اسان جي ديس ايندو هو
پتڻ هن پار واري تان
مکڻ ، ميوو ، مٽر ، جوئر
۽ سڀڳداسي سرنهن ڪڻڪون
وڏو واپار ٿيندو هو
مگر ڪجهہ سال گذريا هن
سڪي ۽ ٿوٽ ٿيو سنڌو
زمينون سڀ بنا پاڻي
پتڻ ويران ٿي ويا هن
ويو واپار پڻ وسري
جو سنڌ ۾ نہ آ پاڻي
ڪرم مولا ڪري اهڙو
اڇي درياهہ ۾ پاڻي
ٿين آباد ويرانا
اڇي هن ديس ۾ پنهنجي
ترقي ساڻ خوشحالي
وري مرڪون اڇن موٽي
اڇي درياهہ ۾ پاڻي!!!!

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

## عيد گڏجي سڀن ملهائي آ

عيد گڏجي سڀن ملهائي آ.
مون نہ گهر ۾ شمع جلائي آ.

نہ غم سان نہ خوشيءَ سان خوش،
مون طبيعت عجيب پائي آ.

جو گلن ۾ رهيو سدا وسريل،
سرء ۾ تنهنجي ياد آئي آ.

مون نہ آ انتظار ختم ڪيو،
رات تارن بتي اجهائي آ .

هوهتان مان هتان اڏاريان ٿو،
سڪ ، هڪ ساڻ چنڊ ملائي آ .

توکي“ انور ” وهم اجايو آ ،
سار تنهنجي نہ هن ڀلائي آ .

◈

## سنڌي ٻولي قومي ٻولي

سنڌي ٻولي قومي ٻولي.
ٻارو ٻُڍايو گڏجي لولي.

پيارا سهڻا ٻار ٻولين ٿا،
سوکي سولي سنڌي ٻولي.

سچل ، سامي ، شيخ ، بخاري،
سهڻن شاعرن واري ٻولي.

جيجل ۽ بابي جي ٻولي،
سنڌي ٻولي پياري ٻولي.

سهڻي ، منڙي ، پياري ، نياري،
تنهنجي ٻولي منهنجي ٻولي.

صاحب طرح : استاد بخاري،
سنڌي ٻولي قومي ٻولي.
( هي گيت گلابي ٻارن جا 96 )





## جيءَ جيارا ماڻهو

منهنجي ديس جا پيارا ماڻهو.
ساهه کان پيارا سارا ماڻهو.

ديس جي خاطر ساهه ڏين ٿا،
سي ئي هن سوپارا ماڻهو.

جيءَ ۾ جاءِ ڏيون ٿا جن کي،
سي آهن دل وارا ماڻهو.

ڪي ته چپن ٿا ڪندڻ وانگر،
ڪي اکڙين جا تارا ماڻهو.

ڪي ٿا جيءَ ۾ جاءِ ڏين پر،
ڪي هن دل جا ڪارا ماڻهو.

ڪي ڪي پيار جي پوڄا ڪن ٿا،
۽ ڪي پيار جا مارا ماڻهو.

ڪي ٿا ساهه سڪائن منهنجو،
ڪي هن جيءَ جيارا ماڻهو.

قسمت سانگي ڪاٿي ڪاٿي،
ملندا "انور" پارا ماڻهو.

## لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

سانگيئڙن جي سار لهي ڪو، سانگيئڙن جي سار
منهنجي منڙي ملڪ جا مارو سرها ٿين سنگهار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

هٿ وڏائي پاڪر پائي ڪلندي ڪن ڪيڪار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

پنهنجن ڪي ٿا پنهنجو سمجهن ڪنهن تي ڏين ميار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

چرڪيل چرڪيل چاتيون جن جون ڏڌ ڪان ٿي ويا ڏار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

ظلم ستم جي گهاٽي ۾ هن ويچارا ولهار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

ڪنوٽيون ڪڪجن، بادل برسن، ٿر بر ٿئي ٿڏڪار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار





مينڊيا ڏوئي ڏورائڻ ۾ سرتيون ڪن سينگار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

جيءَ پئي ٿي جهوري منهنجو، جهانگين جي جهونگار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

ڏيهه ڏڪاريل ۾ ڏوٿين جا ٻاڪارن ٿا ٻار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

ٿرتي شال ٿين ڪي هاڻي مينهن جا وسڪار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

ڪيسيتائين جڳ ۾ سهندا "انور" پيا آزار
لهي ڪو سانگيئڙن جي سار

# ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

توکي ڪيئن سمجهايان ساجن توکي ڪيئن سمجهايان
تنهنجو آهيان تنهنجو رهندس مور نہ ٻئي کي ڀانيان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

دلڙي هڪڙي درد هزارين ڪهڙا سور سٺايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

مان تنهنجو تون منهنجو آهين ٻئي جو ڪيئن سڏايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

تنهنجي يادن سان مان ويٺو پنهنجي دل سرچايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

پنهنجي منهن سان پيار محبت جا ٿو محل اڏايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

تنهنجي خاطر فالون پائي پيو ٿو ڪانگ اڏايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان





مچ محبت جي ۾ ويٺو پنهنجو نينهن نچايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

ترس گهڙي پل توسان ويهي تنهنجو قرب ڪمايان
ساجن توکي ڪئين سمجهايان

ورهيلن ڪان ويڳاڻو ٻڌجي وڻ وڻ ٿو واجهايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

تنهنجي راهن ۾ ويهي مان تولئہ نيڻ وڇايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

"انور" کي "آزاد" ڪري ڇڏ تنهنجا ڳڻ پيو ڳايان
ساجن توکي ڪيئن سمجهايان

◈

## ٻہ سٽا

ميت نہ آيو رات ڪٽي وئي
ننڊ نہ آئي ٻاک ڦٽي وئي

منهنجا دلبر آءُ تون اوري
ساهہ چڏيان مان توتان گهوري

پنهنجو نينهن نرالو آهي
جڻ ڪي جُهڙ جُهڙالو آهي

اڄ ٻي منهنجا نيڻ وسن ٿا
لوڪ ڏسي ٿو پاند پسن ٿا

ڇم ڇم ڇمڪي پايل منهنجي
ننڊ اُڏاٽي آيل منهنجي

ڪير نہ آيو ڪوبہ نہ ايندو
آٿت دل کي ڪيئن ڪو ڏيندو

ساڳي سرنهن ڦلاري آهي
ساوڪ ٿي چوڌاري آهي



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

# جمن دربدر



هي دنيا هلچل جي بستي
هت ماڻهو ايندا ويندا آهن
چار گهڙيون مهمان رهي
پر لوڪ پڌاري ويندا آهن
" " "

اڪثر ماڻهو بعد مرڻ جي
ياد نہ ڪنهن کي ايندا آهن
ڪي ڪي ماڻهو تاريخن ۾
نقش اُپاري ويندا آهن
" " "

اڪثر ماڻهو موت جي ڊپ کان
هرهر مرندا جيئندا آهن
ڪي ڪي ماڻهو جيئندي جيئندي
موت کي ماري ويندا آهن
" " "

اڪثر ماڻهو پاڻ جيئڻ لاءِ
قوم کي ماري ويندا آهن
ڪي ڪي ماڻهومرندي مرندي
قوم جيئاري ويندا آهن
" " "

اڪثر ماڻهو مت جا موڙها
پاڻ نہ پنهنجاٿيندا آهن
ڪي ڪي ماڻهو نسلن جي
تقدير سنواري ويندا آهن
" " "

اڪثر ماڻهو مستانن تي
ڪوڙي فتواي ڏيندا آهن
ڪي ڪي ماڻهو انا الحق جي
تند تنواري ويندا آهن





وٺي هر هر جنم وربو مٺا مهراڻ ۾ ملبو
ختم اونداه ٿي ويندي چٽيءَ چانڊاڻ ۾ ملبو

پنهنجي جا جنگ آ جاري سا ٿيندي نيٺ سوڀاري
مري ويندا مڙيئي ماري سڄيءَ سرهاڻ ۾ ملبو

هجي يورپ يا لبنان جتي ماريو ويو انسان
انهي ماڻهو سندي ارمان ۽ رت ڇاڻ ۾ ملبو

ٿيا جي قوم تان قربان انهن جا آهن لکين احسان
شهيدن جي ريٽي رت سان رتيءَ لالاڻ ۾ ملبو

وري ورندا تہ وسڪارا وسي پوندا هي پٽ سارا
مارو ٿيندا تہ موچارا مينهن مانڊاڻ ۾ ملبو

هجن مهراڻ ۾ موجون وو وو وو
اسانکي بس اهو گهرجي

سڀئي مسڪين کن موجون
اسانکي بس اهو گهرجي


صدائون سڻ تون سختيون
سکن پر سنڌ جا سائين

هجن بس سنڌ تي اوجون
اسانکي بس اهو گهرجي





# حليم باغي



# نظم

هل تہ هلون هيءَ شهر ڇڏي
هن ڌرتيءَ جو دستور الٿ
هن ملڪ سندو منشور الٿ
هت ڇهرو چور ڏنم
هت فوٽ پاٿن تي ٻار پنن
۽ گندگلين ۾ سڏڪا ڪن
هت سيني سيني دونهن دکن
هت دل دل ۾ ناسور چسڪن
هن ٿر مان هليا ٿاڪ ٿڏي
تون هل تہ هلون هي شهر ڇڏي

هت عصمت ڪاروبار بڻي
هت مجبوري واپار بڻي
هيءَ نگري سڀ بازار بڻي
هت غربت ڄڻ ڪاگار بڻي
هن ٿڪن جهڙيءَ دنيا ۾
هن هڙيءَ تهڙيءَ دنيا ۾
ڪنڌ لڙڪائي جيئڻو ٿو پوي
۽ ڍڪ ڍڪ وهہ پيئڻو ٿو پوي
ڪجهہ سڏڪن سان گڏ لڙڪ گڏي
تون هل تہ هلون هيءَ شهر ڇڏي





هي پٽڪا پٽڙن سانن تي
هي ماڻهو ميڙا ٿاڻن تي
ڪي زندان ۾ ڪي ڦاهن تي
ڪي بندوقن جي ناهن تي
هي اوچيون ٻانگون چاڙهيءَ تي
هي رت جا دڳ ڏاڙهيءَ تي
هي چنبا ڪنهن جي چوليءَ تي
هي ٽڪا ڪنهن جيءَ پوتيءَ ٿي
هت جت ڪٿ جوکو جيءَ جڏي
تون هل تہ هلون هي شهر ڇڏي

هي بستي آ پوتارن جي
يا پيرن يا پاڳارن جي
هي ڏيهہ سڄو زردارن جو
ڇا حق آ تو مون پارن جو
ڪوئي نہ سهارو ٿي سگهندو
پنهنجو نہ گذارو ٿي سگهندو

هن ناڻي واريءَ دنيا ۾
هن هيڏي ساريءَ دنيا ۾
ڪوجيءُ اسان ڪي جاءِ نہ ڏي
تون هل تہ هلون هي شهر ڇڏي

ڪو تارا تاڻي رات ڪٽي
ڪو سالم سالم مرغ چٽي
ڪولٽي اٽي جي اڏڪي ۾
ڪو ٽولهہ گهٽڻ جي ڪٽڪي ۾
ڪو رت جيون گرڙيون ٽوڪاري
ڪو ڪتارچ تي ڪوڪاري
ڪو لج بچائي پاڻ لڪي
هوءَ ڪنهن جي چادر چور ڇڪي
ٽو مڇ وٽي ۽ پاڻ پڏي
هل تہ هلون هي شهر ڇڏي

⟐



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

## نظم

هر روز تون اڇجان ڪنريءَ ۾
هو چٽون پنڪيءَ چنريءَ ۾
هر روز اڇي ٽي ڪنريءَ ۾
آ بڙتي ڪوڪل پپيهي جي
۽ ڏڙ ڏڙ گاڏي بيهي ٽي
گاڏيءَ جي ڏبي مان چاڻ لٽي
هوءَ جوڀن جي سپنن جي سٽي
گهونگهٽ جهلي پايل ٽي چلي
اکڙيون جي ڪٽي تہ بہ ڀيد ڪلي
ڪن ڪچ ڪچ پن سفيدي جا
۽ توسان گڏ بہ کهاڻي آ
هان مان نہ کهاڻي جو نائڪ
پر تنهنجي سوڀيا جو گائڪ
هي ٽورا بند ڪويتا جا
هڪ شاعر وٽ ٻيو هوندو ڇا؟
جي چاهين تو ڪي ڀيٽ ڏيان
جي سرجيا مون بي هنريءَ ۾
هر روز تون اڇجان ڪنريءَ ۾،
هر روز مان ايندس ڪنريءَ ۾.

⟐

## نظم
## انسان اٿيو

ڪارونجهر جيءَ ڪور مٿي
ڪو سائو پيلو مور نچي
هو پورو پورو بادلڙو
بي راهه مسافر جيان ڀٽڪي
ڏس سر ۾ آهي ساهه پيو
ٿي گوڙ گجي ٿو مينهن وسي
لهندڙ سج جي لامن ۾
ڪا شام هئي شمشام هيو
هن رات جي ڪاري روپ اندر
ڪو پرهه سندو پيغام هيو
منهن مير محل جا ماڪ اٿي
ايءُ رات سندو انجام هيو
ڪرٽو ڊنڊ جي جهرٽي ۾
ائين آهي چپيو جڻ تير ڪپيو
هوءَ ناسي رنگ جي نئن هلي
ڪو گور هاڙو آ گل اڳيو
ولهار سچو آ واسي پيو
انسان اٿيو انسان اٿيو

◈





## غزل

اکيون بہ باندي رڳون بہ باندي، پرين! ڪجي ڇا تنهنجو شهر آ،
ڇپن جي رقٽي هتي جرم آ، اکين جي ڪينچل هتي ڏمر آ.

اها وکن ۾ ڊرائي ڇو ڇو؟، اجان تہ تنهنجي ڇري وهي آ،
رکين جي پيرا رتيون ٿي ڏونگر، پٿر بہ تنهنجي اڳيان پتر آ.

اهي تہ طوفان وڏيا پيا وڏندا، هينئر تہ مانجهي هنيان نہ هاريو.
سڏن سان ساگر سکا نہ ڪڏهن، گهرڻ سان گهٽبي نہ ڪا لهر آ.

لڦن جي لالي ڀري ترين ۾، گسن جي مٿي ڏري اکين ۾،
هلي هلي بس ٿڪي پياسين گهٽو ٻڌايو اجان سفر آ.

ڪلين مان اکتا هڏين ۾ پيٺا هڏين مان نڪتل جگر تي بيٺا،
والله! عضب ٿو ڪرين وڊيندڙ! اجان بہ چئين ٿو گٿي نظر آ.

ڪرين پيو سو پلين ڪندو رهہ، پڇاڙا ڇا جا؟ وراڙا ڇاجا؟
گهڙي جي آئي پڇي بہ وٿبو، اجان تہ توکي وڏي ڳهر آ.

اسان جا هي وڊ اسان جو پورهيو، اسان تہ تن من سنڌوءَ تان واريو،
اڏيون اجاريو آڙاهہ ٻاريو، اسان جو نينهن ڀي اجان نٽر آ.

اسان تہ سنڌ سنڌ زخم سٺا سين، اسان لٿاسين اسان ڪٺاسين،
طبيب ڪن ڇا؟ حڪيم ڪن ڇا؟ اسان جي جندڙي سڄي زهر آ.

تنهنجي اکين ۾ اداسي ڇا جي ؟ اڙي او شاعر! اڙي او باغي!
اجان تہ ڪوڙين ڪليون بہ کلنديون سنڌوءَ جي مٿي نہ ٿي ڪلر آ.

◈

## غزل

رت ديس تنهنجي راهه ۾ ڦرو ڦڙو ٿي وهي وڃي
منهنجو نصيب ٿهي وڃي تنهنجو بہ قرض لهي وڃي.

اداس رات جو مان چنڊ گهور گهور پيو پيئان
اونداهين جا چريٽو! متان کو ديپ ٿهي وڃي.

ڪلس جا سر ڪٽي ڇڏيو وٽن جا ٽڙ سٽي ڇڏيو
ڪلي ڪلي لتاڙيو متان، ڪسر ڪا رهي وڃي.

سوهن مٽيءَ جي مر بہ آ، جنهن غير جي نہ ڄپ پٽي
اسان جو ڄڻ ۾ ڪنڌ ڌري، اجوڳا ويڻ سهي وڃي

مبارڪون وڌيندڙو! ڪهڻ جي رت اڄي ئي
هتي پيو ڪو ڪسي وڃي هتان پيو ڪو ڪهي وڃي.

اڏائي ڌوڙ راهہ جي، جي اڄ هلون تہ هيئن هلون
اسان جي شهر ڏي ورڻ جي واٽ ئي ڊهي وڃي.

◈





## غزل

ڄڻ نظر لڳي ويئي هن گهر جي بهارن کي
ڪو نانگ سراپي ويو نت نيهن نظارن کي.

هن راهہ تي جي رميا رولاڪ ئي سمجهن ٿا
ڳري رات مٿن گذري سا ساک ستارن کي.

نت نيري سانجهي جو اڄ روهہ ۾ رڻ جهڻ آ
ڪو سانگ ڪان ڪيئن روڪي ڪونجن جي قطارن کي.

هوءَ چولي چولي ساڻ هڪ ناءُ رواني ٿي
چنڊ چمندو اڄ ناڪئا ڪينجهر جي ڪنارن کي.

ڪنهن چڳ جي ڪڙي ڪلندي ڪنهن چپ تي مشڪ مڙندي
پورا! نہ اڄايو ڄاڻ رت جي تہ اوڇارن کي.

بادل بہ هي ويندا پڻ باک ڦٽي پوندي
تون مرک چنڊي منهن تان ڪڻ ڪارن وارن کي.

جيئنداسين پري ڄڳ لئہ جيئڻ جا جتن ڏيندي.
مئاسين تہ ڏيئي ڇڏبا هي روڳ هزارن کي

◈

## غزل

جي جيون تو ۾ سنڌ نہ آ، پوءِ منهنجي تو کان دوري آ
هي جيون جيون آهي ڇا، ڪٿ جيل زهر ڪٿ سوري آ.

هن ڪاڪ منڊل کي ڏاهيندي ڪنهن آس نگر جا ساٿ سٿيون
اس ڪان تہ اجهو ٿو گهرجي ئي سنسار تہ تپندڙ ڪوري آ.

هن ڪوڙ قلعي جو پيرم تتو سپ سانگ رچاءَ بہ سمجهون ٿا
تو نوري ناهي آڏ رکي مون ڪالهہ حا ڍونڍي پوري آ

ڏاڍو ڏاڍو ڪريو ڇو؟ ڇالاءِ ڏڄان مان سمجهان پيو
جي ڏاڍو اڪ جي ماڪي آ پوءِ ڪهڙي باغ جي موري آ.

قاتل جي هٿن ۾ لرزش آ خجر بہ سنڀالي ڪير پلا
هي منهنجو خون جو تقدس ٿيو جلاد جي لئہ مجبوري آ.

اڄ سنڌوءَ ماءُ جي ڳل لڳي هر باغيءَ پئي ٿي هيئن ڇيو
مان ڪسجان تنهنجي راهن ۾ منظوري آ منظوري آ.

❊





## غزل

سنڌو ساهہ سنڌ ۾ سمائي ڇڏي سين
حياتيءَ جي موڙي لٽائي ڇڏي سين

جڏهن سور سانگين جا پنهنجي پکي پيا
پرين! گهور توڏي گهٽائي ڇڏي سين

رتي رات تي ڇو هينانءُ لاٿ ٿيو آن؟
ڏياتي ڏياتي ڪٽائي ڇڏي سين.

اسان رهون نہ رهون پر رهي چنگ چڙ پڙ
تنهنجي تند ٿوري تپائي ڇڏي سين.

گهٽو تپ گهٽو تپ گنجي جا او سورج!
جڏي جند واريءَ وچاٽي ڇڏي سين.

رناسون تہ هر پل "پنڙ" "پانءُ" ائي
ڪلياسين تہ هر رت ڪلائي ڇڏي سين.

◈

## غزل

نہ انتظار يار، نہ ڪو الڪو بهار جو
ڪيف ئي رهيو نہ آهي نڌوريءَ ڄمار جو

ڏينهن رات جا چڪر! ، اسان تي بہ قرب ڪر
ڪڏهن ڇورائي آڻ تہ ڪو پل قرار جو.

هئي زندگي ڪٽجڻي، سا ڪٽجندي وئي
ڪو ساهہ اڌاري جو، ڪو گراهہ اڌار جو.

دودن جي دلين تي هئا، اندوہ ڪي پيا
نہ تنهنجو پئہ ڇنيسر! نہ تنهنجيءَ ڪٽار جو.

منڊيءَ ۾ پئي جڙاءُ جيئن، جڳ مڳ ٿي جوت ڏئي
اهڙو ئي ڏيک سپني ۾ آ، تنهنجيءَ بہ سار جو.

گڏ هئين تہ نہ ڪچئين، اکيون جهڪيون رکيئي
ڪارڻ هو ڪهڙو موڙ تي پوئتي نهار جو.

◈





# استاد بخاري



## اسين اڏ ـــ ڍاوا، اوهين وڏ ڍاوا

اسين اڏ ـــــــ ڍاوا، اوهين وڏ ڍاوا
اسين ڦٿڪون ٿا اوهين ڦاٿو ٿا

ڪٿ پينگهي پاليل آنگ آپل
ڪٿ تڙڪي تاتيل جُنگ جبل
اسين باهہ ـــــ ٻَنا، اوهين نازڪڙا
اسين تڙپون ٿا، اوهين تپجو ٿا

اسين رِيءَ سنيال ڪروڙن ۾
اوهين پهرن هيٺ بہ خطرن ۾
اسين ٿوهہ ڪڙا، اوهين گسَ ـــــ گدرا
اسين پڪڙون ٿا، اوهين پٽجو ٿا

اسين بيٺا آهيون لوهہ لڳا
اوهان ڪوهہ پري تہ بہ چرڪو ٿا
اسين سَچ ـ عصا، اوهين ڪَچ ـــ ڪاوا
اسين ٽڪرون ٿا، اوهين ٽِڙڪو ٿا

◈





## ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون، دريا خان ۽ دودا آهيون

ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون، دريا خان ۽ دودا آهيون
جوٽي ڏيندا جهيڙا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها اهيون

هوشو جيئرو جوش ڏئي ويو، هيمون آجو هوش ڏئي ويو
دوَر نئين جا دودا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون

اڳتي وڌندو، پرتي ڪِرندو، دشمن ڇهندو، ڇهندي ٻرندو
بجلي وارا جهٽڪا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون

سورهن آنا سچ تہ آهيون، شاهہ، سچل جو مَچ تہ آهيون
طوفانن ۾ ٻرندا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون

ماضي جا مهمان نہ آهيون، آئيندي جا اعلان آهيون
تازا توانا تجلا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون

تحريڪن جي طوفانن ۾، آزاديءَ جي ايوانن ۾
ڳاڙها جهنڊا ڦڙڪيا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون

جرڪي جرڪي جئيندا آهيون، مُرڪي مُرڪي ملهندا آهيون
جيئرا هياسين، جيئرا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون

دِلوارن لئہ موتئيءَ ٽاري، دوڌارن لئہ ڪاٽ، ڪٽاري
بلڪِ بخاري، پالا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون

◈

## مان ڪيئن سيج سمهان

مان ڪيئن سيج سمهان
منهنجا ماروئڙا- منهنجا سانگيئڙا- پڌري پٽ سمهن

تنهنجي ميزن تي، سهسين ڪاچ اچن
ڪائن ڪانگ ڪتا، جوتا جام بچن

مان ڪيئن لوڻ چکان
منهنجا ماروئڙا-منهنجا سانگيئڙا روزا روز رکن

تو وٽ خوب خوشيون، عيدون، عيش، وهان
ريشم، ويس وڳا، ڏينهون ڏينهن نوان

مان ڪيئن سينڌ ڍڪيان
منهنجا ماروئڙا-منهنجا سانگيئڙا- ننگي پيٽ گهمن

◈





گهر گهر برف ڄمي وئي آهي، در در ديپڪ ٻَاِيان ٿو مان
دڳ دڳ اوندهہ اوتي پئي آ، پڳ پڳ جوت جڳايان ٿو مان

اٿ پونچال، جوالا نچ تون، باغي پونءِ جمالو چوندي
اوتر تو آلاپ اٿاريان، چوليون چيرون پايان ٿو مان

دهشت گردي دَور سکي آ، حڪمت عملي مون بہ مٿي آ
دانهن پلي ڏي دور کي ڦٽڪي، گهنگهر توکي گهايان ٿو مان

جيئو، جيئڻ ڏيو، ڏاڍو سو گابو، جهيڙو جوٽي بيٺا آهن
وچ ۾ آءُ رتوچاڻ آهيان، چاجي لاءِ چڏايان ٿو مان

صديون ڪنڌ ڪٽايا اٿئون، سهسين سنَڌ وڍايا اٿئون
هڪڙو پيرو گڏجو لوڪو، ڦهري ڪات ڪٽايان ٿو مان

ڪارا ڪپڙا، ڳاڙها جهنڊا، ساوا ڪيت، سنهري ڪرٽا
سنڌو توکي سينگارڻ لئہ، طرحين رنگ رچايان ٿو مان

خير تہ راڳي، ظلم تہ باغي، قرب تہ ٻڪرو، قهر تہ ڪات
جرڪي جيئڻ ڪاڻ بخاري، ڪيڏا روپ مٽايان ٿو مان

◈

77

تنهنجي سِر لئہ دريا، دودو ٿي ٿو مان هر هر ڇمان
ڇو ٿي گهٻرائين امان

ٻن ڪروڙن ڪونڌرن جي ماءُ آن جيئين سدا
تنهنجا هوشو حُر هزارين، تنهنجو هوشو هڪ نہ مان
ڇو ٿي گهٻرائين امان

هي تہ ڏس وک وک تي چوڪيدار ڏهہ ڏهہ نوجوان
سومرا، چانڊيا سپاهي، سورما ڪوسا، سمان
ڇو ٿي گهٻرائين امان

تنهنجي پورب ڇا سڄي پڇم لکي تاريخ آ
تنهنجي ڌرتيءَ کان وني آ، آسمان تائين ڌمان
ڇو ٿي گهٻرائين امان

عرش جي پاڇي کان جيڪي تنهنجو پاسو آ مِٿو
تنهنجي پاڙيءَ تي نہ متبو توڙي ملندو زمزمان
ڇو ٿي گهٻرائين امان

هي دعا، دعويٰ، عقيدو، فيصلو استاد آ
سج زندهہ، سچ زندهہ، سنڌ زندهہ دائمان
ڇو ٿي گهٻرائين امان

◈






## جَلَ ٿَلَ جهولي، ڏونگر ڏولي

جَلَ ٿَلَ جهولي، ڏونگر ڏولي
او لوءِ لوئان لولي
آمر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي
منڇر، ڪينجهر سنڌو، ساگر
گج گج لهرون، ڇم ڇم ڇولي
او لوءِ لوئان لولي
آمر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي
پَٽَ جو پٽڪو، پَٽَ جي پوتي
ڊَٽَ جو ڊولو، ڊٽ جي ڊولي
او لوءِ لوئان لولي
آمِر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي
شهر وارن سيني ساڻيي
ڳوٺن ۾ ڳوٺانن هولي
او لوءِ لوئان لولي
آمِر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي
پنهنجي ٻولي، ٻول بخاري
سُهڻي سُرهي سچي سولي
او لوءِ لوئان لولي

◈

78

مبارڪ! پلصراطي پيچري تان زندگي گذري
قيامت هئي نسوري، اڌ صدي، پر سا بہ ٿي گذري

زمانو هو بيابان، مُنهنجي وِک وِک پر خيابان هئي
لڳو ٿي دوزخي دڳ تان سواري جنتي گذري

گهڙي محفل ۾ مچڻو هو، گهڙي مقتل ۾ ملهڻو هو
دما دم ڪشمڪش ۾ پنهنجي پُوري زندگي گذري

گواهہ آهن ٻِتا پاڪر، ڏِگها بوسا جوان وِچ جا
وَهي منهنجي ڇهي شعلا، شرارن کي چُمي گذري

الائي دلڪشي ڪهڙي آ، آئيندي جي ديدن ۾
تڪيندي، سهڪندي، ڏِڪندي ٿي ايڏهن هر گهڙي گذري

مِٺو هو يا ڪڙو پر عشق جو آواز پئي گونجيو
لَنگهيو ٿي ڇيٺ ڳائيندي، ڪندي ڪوڪون ڪتي گذري

جڏهن تنهنجون ملاقاتون بہ ٿي ڪاتيون ڪٽيون اک ۾
تڏهن عيدن جي ڏينهن تي بہ ٿي ويڌن وڏي گذري

اڪيلائيءَ جي موسم ۾، اداسائيءَ جي واديءَ ۾
تصور جي اُتي برسات، يادن جي ندي گذري

بخاري، زندگي محبوب آ، هڪ هڪ ادا هنجي
ڪڏهن سهڻي سُکي گذري، ڪڏهن ڏاڍي ڏکي گزري

◈





## ڪجھ تہ اڳتي وَڌو

پير پيا ٿَو ٿتيا، هانءُ پيو ٿَو رَڏو، ڪجه تہ اڳتي وَڌو
جو هَٽيو سو ڪَٽيو، مون کي پَٽو، ڪجه تہ اڳتي وڌو

زندگي، جنگ جاري جيئڻ جي، مگر امن، انصاف لئہ
پنهنجي قومي حقن لئہ اچو ۽ مچو، ڪجه تہ اڳتي وڌو

هي جو اجرڪ آ ويڙهيو پيو، تنهن کي ڦاڙيو، اڌو اڌ ڪريو
هڪڙو سِر سان ڪفن ۾ ٻيو سندرو ٻَڌو، ڪجه تہ اڳتي وڌو

سنڌ جي رات آ، وَر وَڪڙ واٽ ۾، قهر جي ڪاٺ آ
پاڻ وٽ جوت آ، جُنگ جوڌو جَٽو، ڪجه تہ اڳتي وڌو

سِرُ تَريءَ تي رکڻ ڪان اڳي سورمؤ، هوڏي سامهون ڏسو
سوپ سهڻيءَ جي سيني تي نظرون رکو، ڪجه تہ اڳتي وڌو

پلصراطن کان پوءِ جنتون، مقتلن جي پٺيان منزلون
ٿڪ ڦٽندا پريان، پهريان هي ڏک ٽپو، ڪجه تہ اڳتي وڌو

مان ڏسان ٿو ڏُٻڻ ٿي وئي آهي ڌرتي سڄي ڏيهہ جي
ڪو غربت ۾ گم ٿيو ڪو ڌَن ۾ گٽو، ڪجه تہ اڳتي وڌو

هائو، آڙاهہ آڏو آ، درياهہ ٿيو، تيز طوفان ٿيو
ڪئين بہ ڪهڙو بہ، پر ڪو طريقو ڪيو، ڪجھ تہ اڳتي وڌو

قطرو قطرو ملي مست درياهہ ٿيو، تيز طوفان ٿيو
انقلابي بنايو ڪچو ۽ پڪو، ڪجھ تہ اڳتي وڌو

لوڪ بنگلو نہ ٿي وي نہ وِسڪي نہ زردو نہ زر ٿو ڦُري
هو گهُري ٿو آجهو ۽ لٽو ۽ ڳپو، ڪجھ تہ اڳتي وڌو

هو ڪنپيو ٿا وڃن ٿي سڌر سنڌ جا، پنگ، ٿي لڪ چيو
ڏاڙ ڏرتيءَ تي ماٺهو ٿيو جهڙو ڏڳو، ڪجھ تہ اڳتي وڌو

حيدرآباد برباد، سنڌي نسل، باهہ ــــــــ بيداد ۾
گهر ٻري آڳ ۾، روڄ رت ۾ رَتو، ڪجھ تہ اڳتي وڌو

جاڳ اک ۾ آٿَو، پنهنجون ڪوليو اکيون، پاڳ هَٿ ۾ آٿَو
سوپ سگھ ۾ آٿَو، ساٿ جوڙيو سگھو، ڪجھ تہ اڳتي وڌو

چنڊ سجدا ڪندو آ، عظيم آدميءَ جي قدم تي جهڪي
پاپ پُرزا ڪندو عزم پنهنجو پڪو، ڪجھ تہ اڳتي وڌو


عار، استاد ، شاگرد، مزدور، ڪڙمي، سمورا ــــــــ ٻڌو
گهنڊ پيو ٿو گُڙي اِرتقا جو يڪو، ڪجھ تہ اڳتي وڌو

◈





# سرڪش سنڌي



هن ڌرتي، ڌرتيءَ وارن جي،
پُٽ پَارت ٿئي، هر پارت ٿئي،
پُٽ پيار جي پالڻهارن جي،
هر پارت ٿئي، هر پارت ٿئي.

هٿ ويل وڏيرن مارين جا، هٿ ڏوڪا ۽ ڏڪ ڏارين جا،
هٿ کوڙ پٽيلا پيدا ٿيا، ترخان جا تاتارين جا،
مخدوم بلاول پارن جي،
پٽ پارت ٿئي، هر پارت ٿئي.

ڪا اوکي ويل اچين ڪٽي، تون ٻوڙي ٻئي هٿ ڏين ڪٽي،
جي گهرج پوي سَر گهورڻ جي، ٿي گهورو سر گهورين!
هن ويڙهيچن ويچارن جي،
پٽ پارت ٿئي، هر پارت ٿئي.



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

او دودا منهنجي ڌرتيءَ جا، ڪشمور ڪراچي ڪيٽيءَ جا،
او اجرڪ ٽوپ جا رکوالا، او ساٿي سنڌو ساٿي جا،
هن موهن جي آٿارن جي،
پٽ پارت ٿئي، هر پارت ٿئي.

تون ساٿ ڏجان مزدورن سان، مسڪين سان مجبورن سان،
بيڏوهه وچن جي لڙڪايا، گڏ مرجان تون منصورن سان،
هن سُوريءَ جي سينگارن جي،
پُٽ پارت ٿئي هر پارت ٿئي.

مان ڌرتيءَ خاطر لکندو هان، تون ڌرتيءَ خاطر وڙهندو آن،
او ساهه ڪان پيارا ويجهو ٿي، رک ڏاڙهيءَ تي هٿ آءُ ڏسان،
هن سرڪش سان اقرارن جي،
پٽ پارت ٿئي پٽ پارت ٿئي.

◈

تو بن ڪنهن سان نينهن هجي،
جيون پويون ڏينهن هجي.

تون منهنجي پاڪر ۾ جيڪر،
ٻاهر وسندو مينهن هجي.

توڏي ايندين ائين ٻوڙان،
پويان ڇڄ پيو شينهن هجي.

تون مون سان گڏ، مون وانگر،
رات هجي يا ڏينهن هجي.

جنهن جي ڇَانو ۾ ويهندا هون،
سائو شال! سَرينهن هجي.

”سرڪش“ آئون هجان نہ هجان،
زندهہ جيڪر نينهن هجي.

◈





ڪا بہ نہ تنهنجي هستيءَ جهڙي،
پياري سنڌو ڌرتي جهڙي.

مان ڪو ٻار غريب جي گهر جو،
تون آن مون لئہ خرچيءَ جهڙي.

دل جو در هر هر ٿو ڪڙڪي،
تنهنجي ياد بہ قرضيءَ جهڙي.

ايڏو موت تمنائن جو،
عمر لڳي ٿي مڪليءَ جهڙي.

چانڊوڪيءَ ۾ گيت نہ ڳايو،
اک اک ڏسي، چوليءَ جهڙي.

سپ ڪو اهڙي ڪاٺي ڏيندئي،
محبت سرڪش سنڌيءَ جهڙي.

◈

روز هٿ ۾ گلاب رکندي آن،
دل تہ ڪا لاجواب رکندي آن.

ڪيئن گنهگار کي ڏئين ٿي گناهہ،
تون تہ هر دم ثواب رکندي آن.

جي نهارين تہ بي حجاب نهار،
مُنهن ٿي ڇا لئہ ڪتاب رکندي آن.

نيڻ ڪنهن ڍنڍ ۾ ڪنول جا گل،
گهور ۾ هر عذاب رکندي آن.

تنهنجي پاڪر ۾ شل شهيد ٿيان،
ڇا تہ حُسن ۽ شباب رکندي آن.

ڪو نہ حق هو مگر پُڇي وينس،
ڪهڙو اکڙين ۾ خواب رکندي آن.

اگ تہ سرڪش ڏنو پڌو ئي نہ هو،
پيار ۾ تون حساب رکندي آن.

◈





حق وارن کي حق مليو، مان ڪيئن مڃان،
انڌي سُئي ۾ سڳو وڌو، مان ڪيئن مڃان.

ڳنڍين گوليون قاتل دل ۾ پيار ٽٽل،
ساگر ۾ ڪو پنڌ هليو، مان ڪيئن مڃان.

ڪالهہ بہ رئيس ننڍي جي هٿ ۾ تسبي هئي،
نڪري پيو آ ٿوهہ مٺو، مان ڪيئن مڃان.

شهر سڄي ۾ مظلومن جا ٽهڪ اُٿيا،
ڏک لڳا پر درد نہ ٿيو، مان ڪيئن مڃان.

ڳيرو باز رهن پيا گڏ هڪ ٿاريءَ تي،
پاپي آهي پيار ڪيو، مان ڪيئن مڃان.

ڪالا باغ ٺهڻ سان ياري گهاٽي ٿئي،
لوڻ وجهڻ سان زخم ڇٽو، مان ڪيئن مڃان.

پيـر ۾ ميـر چـميـا هـٿ چـائـون پـورهيـت جـا،
مـاٺـهـو ويـچـن مـان نـڪـتـو، مـان ڪـيـئـن مـجـان.

بـاهـہ ۾ درد سـان بـاغ بـهـاريـا گـل مـرڪـيـا،
امـن سـوا انسـان بـچـيـو، مـان ڪـيـئـن مـجـان.

تـڙپـيـون دلـڙيـون بـيـدردن جـون دانـهـن تـي،
اولهـہ ڪـان سـج اڀري پـيـو، مـان ڪـيـئـن مـجـان.

سـڌ ٿـيـو، سـڌ تـي سـرڪـردا سـپ ٻـوڙي پـيـا،
سـرڪـش ڏاڍي نـنـڊ هـيـو، مـان ڪـيـئـن مـجـان.





منـهـنـجي رت جـو ڦـيـنـگـون آخـر،
تنهنجي منهن تـي ٿـيـنـديـون ظاهر،
تـوڪـي قـاتـل ٺـهـرائـيـنـديـون،
تـنـهـنـجـو ڳـاٽ بـہ لـهـرائـيـنـديـون.

چـيـريـنـدڙ هـي چـنـبـا تـنـهـنـجـا،
ريـتـا ريـتـا ڳـاڙهـا ڳـاڙهـا،
منهنجي گهر ۾ منهنجي سر تي،
اُڀـري اسـري الـري آيـا،
منهنجي مارن جون هي اکڙيون،
چـولـيـون ڏيـئـي ٻـوڏون آٽـي،
تنهنجون ماڙيون ڊهرائيندي‌ون.

تـڙپـنـدڙ هـي لاشـو مـنـهـنـجـو،
ڌرتـيءَ کـي رنـگ لائـيـنـدو پـيـو،
ويـرم ٿـوري آهـي بـاقـي،
تـوکـي پـي تـڙپـائـيـنـدو پـيـو،
تـربـت جـون هـي ٻـئـي ڪـپـرون،
تـوکـي پـيـون ڏونـڌاڙيـنـديـون،
مـون کـي پـيـو سـرچـائـيـنـديـون.

تنهنجي رت ٿي بانس اُٿاري،
ڳلي ڳلي ۾ بدبو ٿيندي،
منهنجي رتڙي گل اپاري،
واس جو ڏيندي خوشبو ٿيندي،
ٻوٽو ٻوٽو ٻهڪي پوندو،
مکڙيون ديس کي مُرڪائينديون.

تنهنجو ڏڙ پيي منهنجو ڏڙ پيي،
ٿوري ڏرتي والاريندا،
توکي ماڻهو ٿو ڪاريندا،
مون لئہ ويتا ٻاڪاريندا،
اينديون جيڪي ديس ڏياڻيون،
نيڻ نماڻا اکڙيون آليون،
مون کي گلڙا پارائينديون.

سونهري اکرن سان هونديس،
تاريخن ۾ آءُ سدائين،
تنهنجو نانءُ بہ نيٺ تہ هوندو،
ڇو جو تون هڪ ظالم آهين،
صديون جيڪي اينديون وينديون،
توکي لعنت ڏينديون وينديون،
مون کي پيون ساراهينديون.

◈





اُمنگ دل جي ڏري پئي آ،
چپن جي چپڄي نري پئي آ،
ڪڇون پڇون ڪيئن لڇون ڇڄون ٿا،
زبان رت سان ڀري پئي آ.

جهڳي اسان جي ڪکن پنن جي،
نظر انهيءَ ۾ بہ دشمنن جي،
لڪي لڪي ويا وڪوڙي ويري،
ڪکن تي ڪوسي رکيائون ڪيري،
ڏُکي ڏُکي سار ٻري پئي آ،
زبان رت سان ڀري پئي آ.

اسان جي نس نس وڍي وئي آ،
اسان جي رڳ رڳ رڌي وئي آ،
ڳيا ڳيا ٿي ڇُرون ڀُرون ٿا،
ڀڳل ٽٽل کي ڳنڍڻ گهرون ٿا،
جگر جليو دل ڳري پئي آ،
زبان رت سان ڀري پئي آ.

اسان جي دنيا ۾ ويل آهي،
اسان جي جذبن کي نيل آهي،
ڳلي ڳلي ۾ اپو آ قاتل،
اتي تمنا پڳي نہ منزل،
ڪُسي ٿڏي تي مري پئي آ،
زبان رت سان پري پئي آ.

هجي ڪو لمحو ٿئي نہ غم ڪو،
هجي مهينو سڙي نہ سينو،
نہ سال جو ڪو سوال آهي،
سمورو جيون وبال آهي،
گهڙي گهڙي ئي ڪري پئي آ،
زبان رت سان پري پئي آ.

◈





## ڪاوڙ ڇڏ

تون ڪاوڙ ڇڏ، تون ڪاوڙ ڇڏ!
هيءَ ڪاوڙ تنهنجي ماريندي،
پر هڪڙي مرڪ جياريندي،

موهن جو قسم، مڪليءَ جو قسم،
هوشو جو قسم، هيموءَ جو قسم،
دولهہ جو قسم، دودي جو قسم،
سچل جو قسم، ساميءَ جو قسم،
مخدوم شهيد جي، سر جو قسم،
آ توکي پنهنجي گهر جو قسم،
۽ ڀٽ ڌڻي سائين جو قسم،
سيني جو قسم ٿئي ڪاوڙ ڇڏ!
هيءَ ڪاوڙ تنهنجي ماريندي،
پر هڪڙي مرڪ جياريندي.

هر ٻاک جي ويلا ميڙ اٿئي،
چنڊ تارن ميلا ميڙ اٿئي،
هي روح رونهن ٻہ ميڙ اٿئي،
انداز ۽ ناز ٻہ ميڙ اٿئي،

هيءَ ادبي سنگت ميڙ اٿئي،
هو شيخ اياز به ميڙ اٿئي،
هو نجم عباسي به ميڙ اٿئي،
هر سنڌو واسي ميڙ اٿئي،
هر پيار جي لڳ پڳ ميڙ اٿئي،
هي جوين جڳ مڳ ميڙ اٿئي،
هن پنهنجي پياري پياري من،
مرضيءَ جو قسم ٿئي کاوڙ ڇڏ،
هيءَ کاوڙ تنهنجي مارينديِ،
پر هڪڙي مُرڪ جيارينديِ.

جنهن پاڻ پئي قربان ڪيئه،
۽ پالي تاتي جوان ڪيئه،
جنهن ڇا ڇا پئي احسان ڪيئه،
ڄڻ پو ڄڻ لئه پڳوان ڪيئه،
جنهن علم عقل ۽ هوش ڏنئه،
جنهن جذبو جواني جوش ڏنئه،
جنهن ممتا موهه ڀريءَ دل سان،
هر ويل اٿي آغوش ڏنئه،
جنهن گيتا ۽ قرآن جيان،
پئي ور ور نئون نئون پوش ڏنئه،
ڪيڏيون نه ڪيون مون منٿون پر،
ڪوئي نه انهن ڏي گوش ڏنئه،
جنهن شهر ۾ تنهنجو گهر، تنهن هر،
شهريءَ جو قسم ٿئي کاوڙ ڇڏ،
هيءَ کاوڙ تنهنجي مارينديِ،
پر هڪڙي مرڪ جيارينديِ.



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

جنهن وقت تي لهندي چڙهندي آن،
جيڪو پي لکندي پڙهندي آن،
تنهن لهڻ چڙهڻ جو قسم اٿئي،
۽ لکڻ پڙهڻ جو قسم اٿئي،
هو سونيون چوڙيون ٻانهن ۾،
ناهو ڪيون ٿهڻ جو قسم اٿئي،
ڪاليج ڏي ايندي ويندي آن،
ان اچڻ وڃڻ جو قسم اٿئي،
جو سمجهي سگهندي ناهين ڪڏهن،
سو سر ڪان پڇڻ جو قسم اٿئي،
دروازي تان موٽائي ڇڏيئي،
ڄڻ مور پَکي ڪُهرائي ڇڏيئه،
ٻي دل ته پرائي دل آ پر،
پنهنجيءَ جو قسم ٿئي کاوڙ ڇڏ،
هيءَ کاوڙ تنهنجي مارينديِ،
پر هڪڙي مرڪ جيارينديِ.

جي ويس مري رُئجانءِ نه تون،
تربت جي طرف اچجانءِ نه تون،
گل تازا ڪي رکجانءِ نه تون،
قُل ڪلما پي پڙهجانءِ نه تون،
۽ سُڏڪي سَڏ ڪجانءِ نه تون،
تون سَڏ ڪندين ته اُٿي پوندس،
۽ محشر سمجهي جي پوندس،
پوءِ ماڻهو پير سڏيندا پيا،
پر مون کي پير کان نفرت آ،
هر داد گير کان نفرت آ،
هن سنڌ جا سادا ماڻهو ٿئي،

ويچارا موڳا ماٺهو ٿئي،
او ٻاجهاري هر ٻاجهاري،
سنڌي جو قسم ٿئي ڪاوڙ ڇڏ،
هيءَ ڪاوڙ تنهنجي ماريندي،
پر هڪڙي مرڪ جياريندي.

هن گل گلزاري ڏي ڏس تون،
هر سائي ٿاريءَ ڏي ڏس تون،
دل دردن ماريءَ ڏي ڏس تون،
اک لُڙڪن واريءَ ڏي ڏس تون،
پوشن ۾ ڦهريل ڇا پيا هن،
هن گهر جي جاريءَ ڏي ڏس تون،
اُستاد بخاريءَ ڏي ڏس تون،
سرڪش جي زاريءَ ڏي ڏس تون،
هن ساري جڳ ۾ جيڪا ٿي،
تهن چيز پياريءَ ڏي ڏس تون،
ڏس ڪنهن کي ڪنهن کي ميڙ ڪيان،
سرتيءَ جو قسم ٿئي ڪاوڙ ڇڏ،
ڏرتيءَ جو قسم ٿئي ڪاوڙ ڇڏ،
ٻوليءَ جو قسم ٿئي ڪاوڙ ڇڏ،
لوليءَ جو قسم ٿئي ڪاوڙ ڇڏ،
ه تنهنجي آڏو ڦهلايل،
جهوليءَ جو قسم ٿئي ڪاوڙ ڇڏ،
هيءَ ڪاوڙ تنهنجي ماريندي،
پر هڪڙي مرڪ جياريندي.

◈





# راشد مورائي



## مان چا ڪريان مان چا ڪريان

ون ٻار پڙهايا پورهيت ٿي، دل رنجورن جا
پر هارين جا پٽ هاري ٿيا، مزدور ٿيا مزدورن جا
۽ ٻڪ برابر ٻڇڙي آ، سڀ گهاٽل ٻڪ جي ڪورن جا
مون ڪالهہ ڏٺا ير ڪايل هئا سڀ ڏوڪي جي دستورن جا
مان چا ڪريان مان چا ڪريان

مون چانہ سجاڳيءَ سڏ ڪيا، نئين رت کي ننڍڙن روڙيو آ
سي جوان رهن ٿا جهوٽن ۾، مون جن سان ناتو جوڙيو آ
جي مالي هئا رکوالا هئا، تن ٻاڳ جو ٻيڙو ٻوڙيو آ
هن نينهن جواني راس ڪئي، مون لوڙيو رت ولوڙيو آ
مان چا ڪريان مان چا ڪريان

مون وار سٺا، هر وار نوان، مون ويرين سان ويڙهاند ڪئي
۽ ويرين واري واري سان ٿي ويڙهہ وڏي ويڙهاند ڪئي
ڪي سورهيہ ساٿي ڪالهہ ڪٺا، جن ريٽي رت سان راند ڪئي
ٿي پاڻ پٽائي جو ٻيلي مون سسي نيزي پاند ڪئي
مان چا ڪريان مان چا ڪريان





هي قوم تي قابل رحم جي آ پر رحم بہ ڪنهن کي ڪون اچي
ڪي ٿورا داٽا خوش آهن، نہ تہ ٻيو آ سارو ڏيهہ ڏچي
ڪو اهڙو اوير اپري جو ڪو ظالم آمر ڪونہ ٻچي
هن آس تي وقت گذاريان ٿو، من ڪو هتڙي رنگ رچي
مان چا ڪريان مان چا ڪريان

آ سچ ننديو، ويهہ ڳنديو آ، هو ٻربت جيڏو ڪوڙو آ
هو ٽتندو ٿوڙي ٿوڪر سان، ڇڻ ڪانچ جو ڪئي چوڙو آ
هر واوَ اڳان بہ نمي پوندو ڇڻ ڪانهن جو ڪوئي ٻوڙو آ
پر ٿوري همٿ ڪير ڪري، هت هر ڪو روح وسوڙو آ
مان چا ڪريان مان چا ڪريان

ڪو ملان آ، ڪو پنڊت آ، ڪو صوفي ۽ ڪو جوڳي آ
ڪو لنگهو لالچ جو لوپي، ڪو لوپيءَ جو پيءُ ٺوڳي آ
سي پنگون پي ٿا پڙ ٿين، جن لاءِ پيڙا پوڳي آ
مان راشد ويٺو رت رئان جو راڄ ٿيو اڄ روڳي آ
مان چا ڪريان مان چا ڪريان

◈

89

مون ڏاڍ جا ڏونگر ڪٽي جا واٽ آ ٺاهي
ان واٽ تا گذرين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

جوکي ۾ وڌم جيءُ، ڪيم جنگ امن لاءِ
انياءَ سان اٽڪين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

هر گهاءُ مٿان گهاءُ سهي اُف نہ ڪئي مون
جي ويڙهہ ۾ ڦٽجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

هر جاءِ جدوجهد هر جاڪوڙ ۾ شامل
ڪم ڪار ڪان ورچين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

راهي ! تو ڏنو آهہ مون ساهي نہ ڪنئي آ
جي راهہ ۾ ٿڪجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

اي واٽ مسافر! تون ڪڏهن منهنجي قبر ڪان
پلجي بہ جي گذرين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

جو سبق سچائيءَ جو ڏنو آهہ مون راشد
سو سبق جي سمجهين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

جڏهن بہ سوچيم تہ قوم لئہ لڪان تہ ڇو لڪان؟
ءِ باهہ ۾ ٻين جي پاڻ کي وجهان تہ ڇو وجهان؟
رڳو نہ مون تي بار آ،جي سچ چوان تہ ڇو چوان؟
جڏهن بہ سوچيم،مصيبتون سهان تہ ڇو سهان؟
تہ ذهن ۾ سيون لڳيون ، ضمير ڇهنڊڙيون هنيون

---------------

جڏهن بہ سوچيم تہ آئون ڇو ڪيان ءِ ڇا ڪيان؟
جي قوم آهہ بيوفا ، تہ مان بہ ڇو وفا ڪيان؟
غريب پاڻ لئہ پاڻهي ، پيدا نہ ڪربلا ڪيان؟
ڇيم تہ ڪُنڊ ۾ رهي ، رڳو خدا خدا ڪيان
تہ ذهن ۾ سيون لڳيون ، ضمير ڇهنڊڙيون هنيون

---------------

ءِ جڏهن سوچيم ، ٻين جي لاءِ مصيبتون سهان
پلي تہ مان سڙان، پچان ، ٻين کي سک ڏئي سگهان
پلي تہ سر وڃي سندم ، پلي تہ آئون دم ڏيان
پيو اچي اچي نہ ڪونہ ، مان ئي "راشدا" اچان
تہ ذهن چڻ ٽڙي پيو ، ضمير واهہ واهہ ڪئي

◈

دل منهنجي پراڻي آهي جهڳي،محلات هجي تہ وٺي توکي
هن بربادي۽ جي بستي ۾ ڪا بات هجي تہ وٺي توکي

ماڻهن جي ڏسان ٿو نِيت بُري،هَٿ ۾ قرآن،زبان ڇُري
جي ڪچ ۾ ڪات هجي تہ هجي، ڳڙوات هجي تہ وٺي توکي

تون ناهين مسيحا، جو جيارين،لقمان نہ آن جو چاق ڪرين
بيمار ۾ چاڪ چڱي جهڙي،جذبات هجي تہ وٺي توکي

ڪي معني جا موتي نہ هوا، تو شعرن تي واهوا ہ نہ ڪئي
هيءُ سادي سودي ٻولي آ، ڪا ڏات هجي تہ وٺي توکي

گُم آهين تون تہ نظارن ۾،ڪا شيءَ نہ ڏنئي اشعارن ۾
ڳوڙهن جو قدر توکي نہ ميان! برسات هجي تہ وٺي توکي

ڪو تيرن جو نہ اثر ٿيندو، مان پاهڻ ٻڻجي ويو آهيان
ڪا مات هجي تہ وٺي توکي، ڪا گهات هجي تہ وٺي توکي

هِت پِتڪو خالي پيٽ سندو،هِت رودن راشد غربت جو
هي ماتامين جي مجلس آ ، بارات هجي تہ وٺي توکي

◈





ڪونہ آ ڪنهن جاءِ جهڙو، تنهنجي پاسي جو سڪون
ڪيئن ڇڏيان پنهنجي هٿان زلفن جي پاڇي جو سڪون

مان بہ چاهيان ٿو گهمڻ ءِ خرچ جي پڻ ڪوٺ ناهہ
پر ملي پرديس ۾ ڪيئن تنهنجي پاڙي جو سڪون

هي بہ گهر آهي خدا جو ڪا گهڙي ڪن ترس يار
دل اندر ملندئي مٺا محبوب ڪعبي جو سڪون

سم ڪلر وارن گهرن کي پو ٿئي برسات مان بہ
مينهن سان واڳيل مگر آ ٿر ءِ ڪاڇي جو سڪون

دل کي ٽڪرا ڪرڻ ۾ شايد مزو ايندو هجيس
ڪاٺ کي ڏارڻ ۾ جيئن هوندو آ واڍي جو سڪون

اڄ وري بيچئن آ نازڪ بدن هو نازنين
ياخدا، ڏئي ڇڏ پرين۽ کي منهنجي پاڳي جو سڪون

’راشد‘ دل لائي رکبي هر طرح ڦهلاءَ ساڻ
آ گل و گلزار ٻنجڻ ۾ ئي داڻي جو سڪون

◈

مون ڏاڍ جا ڏونگر ڪٽي جا واٽ آ تاهي
ان واٽ تا گذرين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

جوکي ۾ وڌم جيءَ، ڪيم جنگ امن لاءِ
انياءَ سان اٽڪين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

هر گهاءُ مٿان گهاءُ سهي اُف نہ ڪئي مون
جي ويڙهہ ۾ ڦٽجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

هر جاءِ جدوجهد هر جاکوڙ ۾ شامل
ڪم ڪار کان ورچين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

راهي ! تو ڏنو آهہ مون ساهي نہ ڪنئي آ
جي راهہ ۾ ٿڪجين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

اي واٽ مسافر! تون ڪڏهن منهنجي قبر کان
پلجي بہ جي گذرين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر

جو سبق سچائيءَ جو ڏنو آهہ مون راشد
سو سبق جي سمجهين تہ مون کي ياد ڪندو ڪر





# امتياز عادل سومرو



# توکان کھڙي جنم جي مبارک وٺان!!

منهنجي گردن ۾ اڄ پنهنجون ٻانهون نہ وجهہ،
منهنجي نظرن ۾ نوڙي نگاهون نہ وجهہ،
منهنجي عيبن تي ايڏيون پناهون نہ وجهہ،
منهنجون روکي ادائن سان راهون نہ وجهہ،
مون کي مرکن جا تحفا پلي تون نہ ڏي،
مون کي دامن ۾ ڳوڙها ۽ آهون نہ ڏي،
پر جي ڏين ٿي تہ ڏي لڙک برسات جيان،
داغ ڌرتيءَ تان ڌوکن جا ڌوئي ڇڏيان،
تو کان کھڙي جنم جي مبارک وٺان.

تون جا وک ٿي کڻين سا بہ تحريک آ،
۽ جي ٻيهين تہ تحريک کي ليک آ،
ٿورو ٿڙکين تہ تهذيب تاريک آ،
۽ سنڀالين تہ تاريخ ڇڻ ٺيک آ،
سونهن تنهنجي جي سنڌو ندي ٿي لڳي،
پياس منهنجي بہ ويهين صدي ٿي لڳي،
مان تہ پياسو صدين جو ٿو پياسو رهان،
ڇڻ تہ ڪا چو ڪُلهن تي کنيون ٿو وتان،
تو کان کھڙي جنم جي مبارک وٺان!

توسان اهڙي ملاقات ٿي اوچتو،
جيئن ٿر تان کو گذري ککر قسمتي،
تون جي وچڙين تہ ڇڻ زندگي ڌرتتي،
تو سان جيون جهنم بہ ڇڻ جنتي،

تون جي مرکين تہ مهراڻ ۾ موج آ.
تنهنجي کاوڙ کچي ۾ کا ڇڻ فوج آ،
وهم ۽ وسوسا هن خوشين جي پٽيان،
دل کي دردن جي گهيري مان پيو ٿو کڍان،
تو کان کھڙي جنم جي مبارک وٺان!

مون کي پاکر جي بدلي ۾ پالو نہ هڻ،
مون سان پلجي وڇوڙي جو نالو نہ کڻ،
تو سان اڳ ۾ تہ کيڏو ڏکيو هو ملڻ،
ڇڻ تہ سادي سنڌيءَ جو کراچي اچڻ،
ڇام شوري جي اڄ تون هوا ٿي لڳين،
سنڌ جي سونهن جي ڇڻ بقا ٿي لڳين،
هاڻي جيکا بہ پنهنجي حياتي جيان،
تو کي ويهي ڏسڻ جي عبادت کيان،
تو کان کھڙي جنم جي مبارک وٺان!

پيار هاڻي ٿي عادل پيو ڏوهہ آ،
ڏوهہ نينڍڙو نہ پر ڇڻ وڏو ڏوهہ آ،
ڏوهہ ٿيندو نہ آ پر کبو ڏوهہ آ،
مون تہ هک ٻئي پٺيان پئي کيو ڏوهہ آ،
پيار جي مون کي پکڙي سزا پل تہ ڏيو،
هکڙو پيرو نہ سئو سئو دفعا پل تہ ڏيو،
ڏوهہ سارا نينڍا ۽ وڏا ٿو مڃان،
ڏوهہ اهڙا برابر کندو ٿو رهان،
تو کان کھڙي جنم جي مبارک وٺان!

◈

## نظم

باهه ٿو فردوس ۾ ڀاري ڇڏين،
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين.

پيار جا پاپي ائين پستل کڻي،
گام تان گهوري ٻه ٽي گوليون هڻي،
جهنگ جي قانون ڪاري جا ڏٽي،
ڇو گلابي جسم ٿو ٺاري ڇڏين،
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين.

وهشتن جا ڏيهه ۾ ڏئي واڪ تون،
۽ ارادا خود کڻي ناپاڪ تون،
پيار جي پرزا ڪري پوشاڪ تون،
نينهن کي ننگو ٿو بيهاري ڇڏين،
سونهن ٿو ڪاري ڪرين ماري ڇڏين.

نفرتون بندوق ۾ پيو ٿو ڀرين،
سونهن سک تي روز ٿو حملا ڪرين،
شل ٻڏي پنهنجي پگهر ۾ تون مرين،
خون سان ڇو ٿو خوشيون ڏئاري ڇڏين،
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين.





شاهديون مهراڻ جون چوليون ڀري،
جي ڏين توتي ته منهنجي دل ٺري،
عشق جي الزام ۾ قابو ڪري،
تون سنڌوءَ ۾ لاش ٿو ٺاري ڇڏين،
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين.

تو محبت جي سمجهي نه ماجرا،
دل جي دنيا کان صفا ڇڻ اوپرا،
او اڙي آدم جا ارڏا ڇوڪرا،
تون هوا کي رت ٿورئاري ڇڏين،
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين.

شڪ جا شيطان سپ سمهندا وري،
سونهن سک آزاد ٿي گهمندا وري،
ڪي ته ڪنهن جا هٿ وٺي چمندا وري،
حوصلو ”عادل“ متان هاري ڇڏين،
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!

## مان ڇاڻان ٿو تون ڏاري آن

مان ڇاڻان ٿو تون ڏاري آن،
مون کي سنڌ جيان پرپياري آن،
تنهنجي ذات جُدا، هر بات جدا،
جذبات جدا، فڪرات جدا،
سر ساهه مان تو تان صدقو ڪيان،
اڄ مون کان پڇين ٿي پردو ڪيان!؟
تنهنجي معصوميت جي ساک کٽان،
تنهنجي ڳلڙن تان مان ٻاک کٽان،
منهنجي من ۾ ڏاڍي اوندهه آ،
۽ دل جو صحن اندارو آ،
مون کي پڪ نه هئي امڪان هيو،
تنهنجو جلدي ٿي امتحان ويو!
تو هاٽي جو ڪاليج ڇڏيو،
مان سمجهان ٿو نڪرڻ ٻه ڇڏيو،





۽ صبح جو ساڳي رستي تان،
گذرڻ ٻه ڇڏيو مرڪڻ ٻه ڇڏيو،
ڏس! تو سان هاٽي ڪيئن ملان،
ڪٿ بيهان تو کي ڪيئن ڏسان،
خط تحفا گفتون ڪيئن ڏيان،
ائين وهم دل کي ڦري وياهن،
جڻ ڳوٺ کي فوجي گهيري ويا،
،مون تي نظرن جو ڪرفيو آ لڳل،
هر راهه رڪيل، گهٽ گهير جهليل،
تنهنجو گهر ٻه ڏنل، رستو ٻه ڏنل،
پر ظالم قاتل رسمن جا هر پاسي آهن نانگ لڪل،
ان لاءِ نه ٿو تو ڏانهن اچان،
ٿو ايندي ايندي واپس ٿيان،
۽ دل ۾ ٿو ويچار ڪيان.
مان تو کان هڪڙي ڳالهه پڇان؟
جي هاٽي نه ٿي ڪاليج وڃين،
ڇو سر تين کان ٿي دور رهين؟
تن ساڻ ته مل تن ساڻ ته کل،
هل ٿورو هل، هل ٿورو هل،
منهنجي روح جي راهه تان ٿورو هل،
منهنجي اکڙين کان ٻه نه ٿي اوجهل،
پنهنجي پرس کي ٿورو کولي ڏس،
۽ منهنجي دل کي ڳولي ڏس،
جا تو وٽ هاڻ امانت آ،

منهنجي پيار جي تو کي پارت آ،
مون کي اڳ ۾ اهڙي ڄاڻ نہ هئي،
تون مون کان ويندينءَ ائين ڪسي،
جيئن حق سمورا ڌرتيءَ کان،
جيئن دشتگرد ڪراچيءَ کي ٿا سنڌ سڄي کان
ڌار ڳهرن،
هي رتين جا رکوالا سڀئي ٿا تو کي مون کان ائين
ڇنن،
تون مون کان پنهنجا خط تہ وٺ،
ڏس جن تي تنهنجو نانءُ نہ آ،
ڇڻ مون وٽ منهنجو هانءُ نہ آ،
هن پيار جي دشمن دنيا ۾،
سڀ عادل ٿيا انصاف نہ ٿيو،
هڪ پيار جو ڏوهہ بہ معاف نہ ٿيو،
ويو تو کي مون کان ڌار ڪيو،
ڇڻ ٿاريءَ مان ڪنهن گل چنو،
پر تو سان جيڪو رشتو آ، سو رشتو ئي اڻ ٽٽو آ،
تون مون کان ڌار نہ ٿيڻي آن، تون منهنجي آن،
تون منهنجي آن،
تون منهنجي آن.





## تهذيب ڇا تاريخ ٿي براباد ٿئي!!

ءِ جڏهن!
درسگاهون
قتل گاهون ٿي وڃن
ٿي وڃي تعليم خود تاريڪ ٿي
قوم جي تقدير ڪهڙي نيڪ ٿي؟
خون! ڪلندي خوش طبع استاد ٿئي
يان حسي! ٿو ظلم ٿئي بغداد ٿئي
شعور جي گهر وڃي تالو لڳي
علم جو نڪري ٿو ڏيوالو وڃي
علم جي گهر خوف جي پوندو ٽڪي
هر خوشي ويندي ڪتابن ۾ لڪي
ڪهڙي پهري ۾ پڙهائي ٿي پلا!؟
ڇڻ محاذن تي ٿيون نمازون ادا

علم ڏيندڙ خود وڏي ويچار ۾!
۽ پرائيندڙ اڳي ئي آزار ۾
ڪيڏو دنيا آ وڏي اڳتي وئي
۽ اسان پٺتي وڃون ٿا پيا سيئي
وقت ڪيڏو تيز ٿو ڊڪندو وڃي
۽ اسان کان اڳ ڪڍندو ٿو وڃي
پر ڪيون بس جڙ تہ اڏندو ٿو وڃي
وقت ويندو
پربا شوڪارا رڳو
علم جو گهر ٿي ويندو چارا رڳو
۽ ازالو علم جي نقصان جو
ڇا ڪري سگهندا پلا نعرا رڳو
ان کان اڳ
عادل ٿي پوندا ڳولٺا
علم سان سڀ بدخواهي جا سبب!
خود پنهنجي قومي تباهي جا سبب!

◈





## مون کي پنهنجي ياد مان آزاد ڪر

دهشتن ۾ جيڪڏهن تن من هجي،
منهنجي دل جو آڳ ۾ دامن هجي،
باهہ ۽ بارود ۾ جيون هجي،
۽ تنهنجو ورتاءُ وا شنگٽن هجي،
ڪل خوشي منهنجي ڪٽي بغداد ڪر!
مون کي پنهنجي ياد مان آزاد ڪر!

هر وفا منهنجي وساري ڇڏ تہ ڇڏ،
۽ جفا پنهنجي جياري ڇڏ تہ ڇڏ،
دل تان منهنجو نانءُ واري ڇڏ تہ ڇڏ،
پنهنجي پر ۾ مون کي ماري ڇڏ تہ ڇڏ،
۽ ڪڏهن پلجي نہ مون کي ياد ڪر!
مون کي پنهنجي ياد مان آزاد ڪر!

سوچ ۾ سڪ ۾ سچل داخل ڪري،
دل لطيفي لطف ۾ شامل ڪري،
تانگهہ ڪجهہ تنوير کان صاحل ڪري،
عشق ڪجهہ اياز ڏي مائل ڪري،
حسن کي پل هو بهو استاد ڪر!
مون کي پنهنجي ياد مان آزادڪر!

آڳ ۾ هر آس اڇلائي پلي،
خواهشن جا ڪنڌ ڪپرائي پلي،
منهنجي هر هڪ مرڪ مارائي پلي،
منهنجي دل جي دنيا بدلا ئي پلي،
سنگدل تون شوق پنهنجو شاد ڪر!
مون کي پنهنجي ياد مان آزاد ڪر!

التجا منهنجي عوامي هوڪر!
بي رخي تنهنجي حڪومت جا مزا،
رعب تنهنجو اهلڪارن جا جٿا،
عشق منهنجو احتجاجن جي ڪٿا،
سونهن جي سرڪار منهنجو داد ڪر!
مون ڪي پنهنجي ياد مان آزاد ڪر!

ڳلن تي ڳوڙهن جون قطارون ئي سهي،
منهنجي هستي ڏارون ڏارون ئي سهي،
دل جي دنيا غارون غارون ئي سهي،
من ۾ مڪليءَ جون مزارون ئي سهي،
تون ئي پنهنجو هاڻ هير آبادڪر!
مون ڪي پنهنجي ياد مان آزادڪر!

تنهنجي نفرت جي رڳو هڪڙي نظر،
باهمي الفت تي ڪيا ڪيڏا اثر،
تو ڪري آ دل چڏي پنهنجي پٿر،
منهنجو ٿي احساس ويو آ ڪير ٿر،
تون پلي جذبا ڪٺي فولاد ڪر!
مون ڪي پنهنجي ياد مان آزاد ڪر!

مان ”چو عادل“ پيار مرده آباد ڪيان،
جي ڪيان انڪار مرده آباد ڪيان،
سئو ڀيرا تہ چا لک وار، مرده آباد ڪيان،
عشق سان آزار، مرده آباد ڪيان،
تون پلي پئي ظلم زنده آباد ڪر!
مون ڪي پنهنجي ياد مان آزاد ڪر!





## تنهنجو ضمير ٻيو آ، منهنجو ضمير ٻيو آ

تون پاپ ڪي او پاپي ڪيڏو ٿو پڏائين،
۽ پيار ڪي هزار ٿو پرزا ڪري ورهائين،
تون لالچي لٽيرو من ۾ ٿو ڏن وسائين،
مان پيار ڪي ٿو پوڄا سمجهان پيو سدائين.
تنهنجو الڳ عقيدو منهنجو ٻہ پير ٻيو آ،
تنهنجو ضمير ٻيو آ، منهنجو ضمير ٻيو آ.

جنهن ڳالهہ ۾ منجهو ٿا سا نيڪ ٿي سگهي ٿي،
نزديڪ ڪان اچان ٻي نزديڪ ٿي سگهي ٿي،
هن ٻونءَ جي ٻتين ڪان تحقيق ٿي سگهي ٿي،
۽ ڳوٺ جي ڳلين مان تصديق ٿي سگهي ٿي،
ڪنهن چيو ڪُتا نہ ٻونڪيا ڪنهن چيو فقير ٻيو آ،
تنهنجو ضمير ٻيو آ، منهنجو ضمير ٻيو آ.

هي ظلم آ سراسر بيدادگي نسوري،
ڪنهن جي حصي جو ڪنهن ڪان پاٽي جي ڪسجي زوري،
موجن جي مند ۾ ٿي مهراڻ مان ٿئي چوري،
او عالمي ادارا! پل ساک ڏيو سدوري،
هڪڙو ڪچو آ شاهد ٻيلو مشير ٻيو آ،
تنهنجو ضمير ٻيو آ، منهنجو ضمير ٻيو آ.

تو شان ٿي ڪپايو گهر گهاٽ تي ڏئي هوڪو،
مون مان ٿي بچايو شاهد مليرِ مورو،
سنڌ سونهن سان سچو مان تنهنجو ڌرم ئي ڏوڪو،
منهنجو تہ ڏوهہ ناهي تنهنجو بہ ناهي ڇو جو،
تنهنجو ضمير پيو آ، منهنجو ضمير پيو آ،
تنهنجو ضمير پيو آ، منهنجو ضمير پيو آ.

تو آبرو امن جا بيهي ڪڍيا جنازا،
مان پاڻ ٿو ڏسان پيو پنهنجي اکين سان لاشا،
ڪنهن پيٽ جي ڳلن تان ڳوڙها اگهيئي نہ تازا،
مظلوم مائرن جا بيهي ڏٺئي تماشا،
تو ٿڃ ناهي پيتي پيتو ڪو ڪير پيو آ،
تنهنجو ضمير پيو آ، منهنجو ضمير پيو آ.

هٿ هٿ ۾ ڏي ڇيو مون، دوريون نہ تو گهٽايون،
ديدن جي ڳالهہ ڪئي مون، تو ٿي ڏسيون دو ناليون،
ڳل تي نہ چپ پلي رک، ٿانڊا نہ وڄ تون وڃايون،
منهنجون تہ ڪوششون ڇڻ عادل ويون اجايون،
زلفن جو مون گهريو، تو آندو زنجير پيو آ،
تنهنجو ضمير پيو آ، منهنجو ضمير پيو آ.

◈





## هر ڪو آ حيران پٽائي!!

هن ڪي هن ڪي ڏار لڳن ٿا،
مون ڪي پڻ هر بار لڳن ٿا،
اهڙا ڪي آثار لڳن ٿا،
ايندو ڪو طوفان پٽائي!
هر ڪو آ حيران پٽائي!

مون جا سمجهي پاڻ پرائي،
هٿ سان ان ڪي آڳ لڳائي،
دشمن ڪي ڪا لهس نہ آئي،
ڪنهن جو ٿيو نقصان پٽائي!
هرڪو آ حيران پٽائي!

من مان محرم ويو ئي ناهي،
مون بند ماتم ڪيو ئي ناهي،
سنڌ ۾ نئون چنڊ ٿيو ئي ناهي،
آيو ڪيئن رمضان پٽائي؟
هر ڪو آ حيران پٽائي!

ڪنهن آ اغوا امن ڪرايو،
ڪنهن بہ ڪچي مان ڪونہ ٻڌايو،
هيڏي مون خود پاڻ گهمايو،
ڪاڇي ۾ قرآن پٽائي!
هر ڪو آ حيران پٽائي!

مارائي مظلوم هٿن سان،
قهر ڪري ڪنهن جي بہ ننگن سان،

ويتو آ ڏس ڏاڙيلن سان،
ڪت تي گڏجي خان پتائي!
هر ڪو آ حيران پتائي!

ائتم بم هت عام نہ گهرجي،
يا مون کي نيپام نہ گهرجي،
مون کي بلڪہ نام نہ گهرجي،
مون کي گهرجي نان پتائي!
هر ڪو آ حيران پتائي!

بي شرميءَ جي روپ رنگن کان،
وحشت دهشت جي هر فن کان،
گوءِ ڪٽي ويو حيوانن کان،
اڄڪلهہ جو انسان پتائي!
هر ڪو آ حيران پتائي!

وعدا ۽ ويساهہ ڪپائي،
ديس ڌڻين جا چاهہ ڪپائي،
تنهنجي خود درگاهہ ڪپائي،
ايندءِ سياستدان پتائي!
هر ڪو آ حيران پتائي!

عادل سان گڏ هاري ناري،
پيلو چا پر پاري پاري،
تي ويو آهي واري واري،
سنڌوءَ جو ارمان پتائي!
هر ڪو آ حيران پتائي!

◈





## غزل

تنهنجو جلوو ئي جام جهڙو آ،
جام شوري جي شام جهڙو آ.

پيار تنهنجو بہ چڻ سياست آ،
منهنجو جيون عوام جهڙو آ.

تنهنجي وعدي جو لاش ٿو پوريان،
دل جو منظر مقام جهڙو آ.

تنهنجي ڏوکي کان بعد ۾ جيون،
چڻ تہ زخمي اڏام جهڙو آ.

عشق جنهن وٽ نہ آ اهو ماڻهو،
چڻ تہ خالي گدام جهڙو آ.

منهنجو گهورڻ بہ راز آ عادل،
تنهنجو مرڪڻ بہ مام جهڙو آ.

◈

## الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي!!

لبن تي جڏهن ڪنهن به سرخي سجائي!
الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي!
جڏهن ڪنهن به هٿڙن تي ميندي لڳائي!
الائي ڇو مون کي تنهنجي يادآئي!

جڏهن راند ڪنهن جي رئي سان هوا ڪئي،
ڳلن ساڻ زلفن جڏهن ڳالهه ڪا ڪئي،
جڏهن واءُ ڪنهن جي چمي چڳ اڏائي،
الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي!

جڏهن ڪاٿي ڪنهن جون جيان تيز تن تي،
۽ بيتاب ٿر جهڙي پياسي بدن تي،
ڪنهن بوسن جي برسات ويهي وسائي!
الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي!

جڏهن ڪا به سهڻي نه سنڌو ونديءَ ۾،
نه ڪي ڪنهن به ميهار سان نيئين صديءَ ۾،
نه لهرن جدا ڪئي نه لهرن ملائي!
الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي!





جڏهن ڳالهه منهنجي نه اکڙين مڃي هئي،
الائي ته اٿڪي ڪٿي دل وڃي هئي،
جڏهن چيز پنهنجي به ٿي وئي پرائي!
الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي!

جڏهن پيار تي ڪنهن به پهرا لڳايا،
پريمين جا پڪڙي ويا خط جلايا،
ڪئي ٻن دلين ۾ جڏهن وئي جدائي!
الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي!

جڏهن ڪنهن به ڇيڙيون تنبوري جون تارون،
سٽايون سرن ۾ سسئي جون پڪارون،
ڳلين ۾ جڏهن ڪنهن به ڳايو پتائي!
الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي!

گهڙي ڪن زماني جو هر غم ڀلائي،
جڏهن ڪنهن دلاسو ڏئي عادل ڪلائي،
کلي ٻانهن منهنجي ڳچيءَ ۾ ورائي!
الائي ڇو مون کي تنهنجي ياد آئي.

◈

# ذوالفقار گاڏهي







کنجري ٿي نچي، ڊقلي ٿي نچي، چپڙي ٿي نچي،
چمٽا ٿا نچن، چوڙيون ٿيون نچن، چمڙي ٿي نچي.

گهنگهرو ٿا نچن، اکڙيون ٿيون نچن، چاتي ٿي نچي،
ائن پير ڪڇن، جئن باه مٿي ڏِگڙي ٿي نچي.

هر بت بت مان اڳڙي ٿي لهي، بادي ٿي ٽپي،
يڪتاري سان، دهلاري جي پڳڙي ٿي نچي.

چا محفل آ، مدهوشي آ، موسيقي آ،
چپٽي ٿي نچي، تاڙي ٿي نچي، سڳڙي ٿي نچي.

لپ اسٽڪ آ، ننهن رڱڻي آ، مسڪارو آ،
واليون آهن، ڦلڙي آهي، هسڙي ٿي نچي.

ٽا لونگ سڌن، ايرينگ سڌن، دهري ٿي ڏسي،
بازو بند سان، چوٽي ڦل سان، پنڙي ٿي نچي.

اڪيون ڪن اڪر پور ٿيون،
اسان من ڪڌهن مور ٿيون.

اهو ڪهڙو انصاف آ،
سدائين اسان چور ٿيون.

اسان کي اجازت ڏيو،
اوهان جي مٿان گهور ٿيون.

نٿي پنهنجي قسمت ڪلي،
اوهان سان ملي اور ٿيون.

ڏکن جون گڏيون لاهيون،
سکن جا نوان دور ٿيون.

◈





اسان کي ڏي خبر ڏيئا، اڙي ڏيئا،
هيا ڇو رات پر ليئا،اڙي ڏيئا.

ڪيو جيتا مڙن جو باهہ تي ماتم،
تہ ڇا پروانا ها شيڪا، اڙي ڏيئا.

سدائين نيڻ تنهنجا تر رهن ٿا ڇو؟
ڇڏي توکي بہ ڪي ويئا، اڙي ڏيئا.

ڦتي پرپات جاڳڻ جو سبب هوندو،
يا لوڙيو پيا ٻئي ڪيئا، اڙي ڏيئا.

جي نڪتا منهن انڌاري ها سجڻ پنهنجا،
اسان جا ڪٿ اُهي پيئا، اڙي ڏيئا.

◈

ياد جا سارا پنڇي اڏامي ويا،
خواب ٿي ڪارا ڪٽڇي اڏامي ويا.

ڪڙ ڪٻيتن کي قابو ڪرڻ چاهيو،
ٿورو ترسي ۽ مرڪي اڏامي ويا.

هڪڙا پروانا مچ جي ڦريا گول ٿي،
۽ پورک سان رک ٿي اڏامي ويا.

دل، ڏکڻهار، گهر ۾ ئي دٻجي وئي،
لڙڪ متي ۾ گڏجي اڏامي ويا.

مور، ڍيلن کي ساري، مئا پار ڪرا!
تو ڏٺو؟ ڪنپ ڪنپ تي اڏامي ويا.

هر پکيڙي جو هو ساه مٺ ۾ لڳو،
هڪڙي تاڙي تي ڌُٻڪي اڏامي ويا.

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

سمورا ٿين ڪڙڪائي چڏن ٿيون،
ڳلي ۾ نانگ لڙڪائي چڏن ٿيون.

عمر جو روڳ اوڌر تي ڪٽون ٿا،
اکين ۾ ٿورو وڙڪائي چڏن ٿيون.

اهو آ لطف اندوزي جو عالم،
اندر ۾ باهه پڙڪائي چڏن ٿيون.

گهٽين کي چرک پارائي چڏن ٿيون،
ڪڪڙ جان نيڻ ڦڙڪائي چڏن ٿيون.

مکڻ جو ليپ چاهن ٿيون نگاهون،
مگر هي تير ڀڙڪائي چڏن ٿيون.

◈

نيڻن جي آهرن ۾ آهو چرن پيا،
آهن جي آسرن ۾ سينا ڦرن پيا.

ٻاتن ۾ ڊول پائي، لاتون جيان پريا،
پيرن ۾ گهنگهروئن سان ٻلهارون پيا.

اپ تان اچن ٽا نچندا، ٽانڊا وسائيندا،
ماهي جيان اسان کي راهو ترن پيا.

چورين جي دل جو ڌڪو آهي وڏي ويو،
وک وک انهن جي سرجا سائين مرن پيا.

شهرن کي سائرن آ سرتي ڪني ڏنو،
شهرين تي آهہ سڪتو رستا ٻرن پيا.

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

سُتڙ ڪورڪي ۾ رئو جهار جهٽ جو،
گگهي تي ستارون، مٿس پرت پٽ جو.

ڪٿي پير پٽ تي، ڪٿي پير پٽ جا،
ملي ڪونہ پيرو، ڪٿي اهڙي ڪٿ جو.

گهٽيون گلفروشن جون حيرت ۾ آهن،
سڄو شهر واسي وئي ڪاري لٽ جو.

پلنگ تي اچي ويٺا هو ڏام ڏڄ سان،
رليون پيون ٽيون مرڪن ڏسو پاڳ ڪٿ جو.

اها جا اکين کي طراوت ٿي بخشي،
سُجهي ڪونہ اهڙو، هجي هن جي مٺ جو.

◈

رستا، رستن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا،
ماڻهو: شهرن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا.

سونا ٻندي جا سپ ون چوري ٿي ويا،
پيلا: لوڙهن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا.

چورا: روڳ ڏئي ويا پنهنجي ڳوٺن کي،
پوڙها: ڳوٺن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا.

چوريون پنهنجون پيار پلي ويهي رهيون،
ڳوڙها: ڪوٺن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا.

راهو جن ۾ رات، اسان کي پئجيوئي،
تارا: تارن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا.

آئي جو برسات اسان کي لوڙهي وئي،
رشتا: ٻوڏن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا.

چمڪا، ڪئميرائن جا هي محفل ۾،
چهرا: فوٽن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا.

آڏو ٿان ڪليا پيا آهن ريسم جا،
ڳوٺا: ٿوپن منجهه وڃن ٿا گم ٿيندا.

◈



سنڌ جي مزاحمتي شاعري

آءُ مون ساڻ هڪ سفر ۾ رل،
منهنجي اندر جي اجري گهرِ ۾ رل.

توکيپنبڙين تي مان ڪڻي هلندس،
منهنجي اکڙين جي اڇڙي ٿر ۾ رل،

زندگي قيد آ، مشقت آ،
صبح جي آس جي سهر ۾ رل.

عشق جي آڳ ويڙهي ڪڻ سرتي،
هسن جي موهه جي اثر ۾ رل.

هڪ ڪنو ٿي اسان جون ٻڌ ڳالهيون،
هڪ منو ٿي شهر شهر ۾ رل.

◈

هر قدم آءُ توسان گڏ آهيان،
تنهنجو سڏ ڪو، مان تنهنجو سڏ آهيان.

آءُ تون حال خال پر مون ڪي،
مان سڪل ڪا صدين جي ڪڏ آهيان.

ماس جو لوٿرو نه چئه مونکي،
جسم تنهنجو مان تنهنجو هڏ آهيان.

دل پڪاليءَ جي آهه پاڪر ۾،
مان ڪليءَ جان انهيءَ سان گڏ آهيان.

راهه جون تر ڪتاليون سمجهان ٿو،
مان لاڏائڙن جي لڏ آهيان.

◈





پر پڳل مان پکي جان پئي اڏندو رهيس،
تو ۾ ترندو رهيس، تو ۾ ٻڏندو رهيس.

تو ڏسي مون کي دڳ ئي مٽائي ڇڏيو،
آءُ تو تي مگر پو به ڪڏندو رهيس.

واءُ ٻُج ٻُج ڪري مون کي اڇلي ڇڏيو،
هن جي هن جي مان پيرن ۾ ٿڏندو رهيس.

وقت بي وقت منهنجون اکيون ويون ٻڙيون،
وقت بي وقت پينگهن جان لڏندو رهيس.

منهنجي دل جي زمين هئي ۽ پيو مان هئس،
زلزلا آيا ۽ مان به ڏڏندو رهيس.

◈

اها سنڌ آ، جيءَ جياري اسان جي،
ڪلفتن اسان جو، لياري اسان جي.

اسان جي ثقافت پياري اسان کي،
جُڳن کان سڀيتا نياري اسان جي.

اسان جي خوشين جا سڀئي ڏينهن سهڻا،
دسهڙو ۽ هولي ڏياري اسانجي.

اسان نفرتن کان گهنا ڪوهہ اڳتي،
محبت ڪئي آبياري اسان جي.

اهي آريا ۽ دراوڙ اسان مان،
اهي گل، انهن سان ڪياري اسان جي.

ڏسي سونيون واليون ٻنيءَ جي ڪنن ۾،
تڙي پئي تڙي لاهياري اسان جي.

◈





# احمد شاڪر گائنچو



روز! انساني وجود تي حملا ٿي ٿا...
روزانو، نوان شروع سلسلا ٿين ٿا!
روز انساني وجود تي حملا ٿين ٿا.

وئي نينگر سنگ چٽيءَ ۾ آهي،
هيءَ اندهيري ناهي تہ پيو ڇا آهي،
مير، پير ڪي ڪاڪل ناهي،
هيڙا هاڃا، هيڙا فيصلا ٿين ٿا،
روز انساني وجود تي حملا ٿين ٿا.

پنهنجو پاڻ ۾ ڪيڏو ڇاهہ هيو،
هر هڪ پئي جو همراهہ هيو،
سچ لئہ ڏيندو هر ڪو ساهہ هيو،
ڪاٿي اڳ جهڙا هاڻي پرجهلا ٿين ٿا،





روز انساني وجود تي حملا ٿين ٿا،
ڪٿي آصف، سرويچ ماريو ويو،
ڪٿي خالد بہ گولين جو بک بڻيو،
پشاور ۾ معصومن جو رت رهيو،
۽ ٿر جا نيڻ اڃان بہ پيا آلا ٿين ٿا!
روز انساني وجود تي حملا ٿين ٿا!

دهشت جي دائري ۾ دين نہ آڻيو،
ڇا جو مسلم ڇا جو واڻيو،
سچ جي سرحد صاف سڃاڻيو،
ڇو سڃاڻپ ۾ انسان ڏنڌلا ٿين ٿا،
روز انساني وجود تي حملا ٿين ٿا.

روزانو نوان شروع سلسلا ٿين ٿا،
روز انساني وجود تي حملا ٿين ٿا.

◈

## تانيا نالي نظم...!!

تيز ايڏي تِکي،
واءُ وانگي گُهلڻي،
دا5 دِل جو هُن سان،
کهڙو رکون!؟

پيار جي پينگهہ تي،
ڪي گهڙيون گڏبي،
جُهولي تہ ها.
ڪي گهڙيون گڏجي،
پيار جي پيچرن تي،
هلي تہ ها.
پنهنجي دُنيا ڪي،
منهنجي دل ۾ دريافت،
ڪري تہ ها.
پَرتِ پاڪرن جو،
منهنجي ڳلي تي،
پري تہ ها.





مُون تي،
مري تہ ها!
مون تي،
جيئي تہ ها!
هِڪ لنگاهُوءَ،
هُرڀي جي هُڳاءُ جيئن،
هُري تہ ها.
اِنهيءَ عيوض آول
پيار پنهنجي حصي جو
پلي،
گهري تہ ها!

اِنهن اِرادن تي هُوءَ،
پُورو لهي تہ ها.
مُنهنجي مَن مُلڪَ ۾،
اچي تہ ها.
پر،
انهن خُواهشن ۽ خيالن ڪان
اڳي
واءُ وانگي هوءَ،
وَئون وئي!
پيار اظهار تي،
پاٽي ڦيري وئي...!!

◈

## خودڪشي...!

جيون جو ڏيئو،
اُجهامڻ ڪان اڳ ۾،
خُواهشن جي پُورائي لڳ،
ٻوڪ، ٻوڙ ٻُڪندي رهي.
ڪي رُڪاوتون راهُن ۾،
پٿر بڻايو ڇڏين.
مايوسيءَ جو سمونڊ،
جڏهن ڇوليون هڻڻ شروع ٿو ڪري،
تہ سوچ جون ساريون قوتون،
جواب ڏئي ڇڏين ٿيون!
تہ اُن وقت انسان،
هِراسيل هرڻيءَ جين
پاڻ کي ٻَنَ ۾،
پٽڪيل محسوس ڪندو آهي،
غمن جو گهيرو،
جڏهن ٿيندو آهي،
تہ اُن وقت،
خوشين جي برڪا ٻجاءِ،
سڏڪا سونها بڻجندا آهن!
۽ ماڻهو جڏهن مايوسيءَ سان،
مُڪا ميل ٿيندو آهي،
تہ اُن وقت ئي،
خودڪشي جنم وٺندي آهي..!!!

◈





## غزل

سڄي جان پنهنجي جلائي ڇڏي مون،
خُدي عشق ۾ آ مٽائي ڇڏي مون.

سفر دَرِ، سفر مان اڪيلو، اڪيلو،
سُڄاڻپ ئي پنهنجي وڃائي ڇڏي مون.

ڪَٿا پيار واري سهيڙي، سهيڙي،
نظرِ پنهنجي آهي ڪپائي ڇڏي مون.

سهارن جي پويان ڊڪائي ڊڪائي،
عمر پنهنجي آهي ٿڪائي ڇڏي مون.

اڪيلائي آهي ٽِڪي پئي اڱڻ تي،
انهي ساڻ آ دل لڳائي ڇڏي مون.

◈

# اڪبر ڪانڊڙو







## روز اچن ٿا لاشا چچريل

روز اچن ٿا لاشا چچريل، بي دردي سان هن ڳڀرو ماريل،
سڄي بدن تي گھاءُ اٿن، ڪن کي گولين کي هن ساڙيل،
هر ڪو رڳو هيئن چوي ٿو، ڪير ٿو هنن کي آخر ماري،
ڪنهي ڪٽي گم ڪري پوءِ، تشدد ڪري ماري اڇلايل،
حق گھرڻ ڪو ڏوهه تہ ناهي، سچ جي آخر ايڏي سزا،
ڪنهن ۾ همت اها ناهي، جو ظاهر ڪري ڏئي قاتل،
مائن جون ٿيون جھوليون خالي، ڀينرن کان ويا ڀائر کسجي،
ونيون ويٽيون روئن ساري، ڪونڊر ڏسي پنهنجا ماريل،
ڳاڙها ڳڀرو جوان وڃن ٿا، ديس تان ڏيندا جان وڃن ٿا،
پوئتي نہ ٿن هٽڻ جي ڪا ڳولي، مائن جي ٿن اهڙي ٿڃ پياريل،
اڪبر دانهون ڪجن ڪنهن وٽ، ناهي ڪنهن وٽ داد اسان جو،
سڀ لڳن ٿا گونگا ٻوڙا، جڻ حاڪم آهن ٻوتا ٻڌايل.

# هٿ هلي ٻٽو نظام ٿو

غريبن لاءِ هڪرو اميرن لاءِ ٻيو، هٿ هلي ٻٽو نظام ٿو،
ڪرپشن ڪن ٿا آفيسر شاهي، پر ڦاسي ملازم عام ٿو،
جنهن بنگلا، بينڪ بيلنس ناهي، ان ڪان تہ پڇاڙو ئي ناهي،
ٿيو ڪڪ پتيءَ مان ڪروڙ پتي، ڪري ان کي هر ڪو سلام ٿو،
ملڪ جو پيسو جن آهي لٽيو، چورن مان جي چوڪيدار بڻيا،
آزاد گهمن ٿا قاتل ڦورو، بي ڏوهي جيل ڪٽي سرعام ٿو،
غريبن کي نہ ٿو حق ملي ڪو، ناهي رهيو انصاف ڪاٿي،
هٿ وڏن ماڻهن جي ٿي هلي، غريب جو تہ ٿئي قتلام ٿو،
ملڪ جا ڏسو ڪاتا سيئي، ڪيئن ٿي رشوت عام هلي،
ڪوڙا سچا ڪم ٿين پيا، ناهي پيو ڪم تمام ٿو،
اڪثريت تي آ اقليت قابض، بادشاهي آ پوتارن جي،
امير تہ ڪن ٿا عياشيون، پر بکيو سمهي عوام ٿو،
اڪبر آخر وڃجي ڪاڏي، هٿ ڏاڍو سو آ ڳابو،
امير وڃي پيو امير ٿيندو، غريب تہ بڻجي غلام ٿو.



سنڌ جي مزاحمتي شاعري